no.1

ٻول اَنمول

(دوها)

حڪيم پريم چاندواڻي

نوا
سُندر پبليڪيشن

ڀول انمول

(دوها)

حڪيم پريم چاندواڻي

نَول
سُندر پبليڪيشن مٺي

نومبر 2022ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

پنهنجي ادبي ڪاوش ارپنا ٿو ڪريان

ابي امان پنهنجي پيارن ٻچن:

راجيش چانڊواني
راجا رنجيت
۽
راهول ڪمار
کي

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

پبليشر پاران:

شاعر حڪيم پريم چانڊواڻي پنهنجي شاعريءَ وسيلي پنهنجي پڙهندڙن سان هميشہ

جُڙيل رهيو آهي ان جو ثبوت ٻول انمول ڪتاب اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو۔
شاعر حڪيم پريم چانڊواڻي جو ٻول انمول ڪتاب اڄ جي ماحول جي سهي ۽ سچي

عڪاسي ڪري ٿو۔ هن ڪتاب جي ٻي اهم خوبي اها آهي تہ هي مهاڳ کان آجو مجموعو
حڪيم پريم چانڊواڻي جي سنجيدگيءَ جو ثبوت آهي
هو پنهنجي احساسن کي هڪڙو نانءُ ڏئي پڙهندڙ آڏو پيش ڪندي، اهم پيغام ڏي ٿو،

هي شاعر پاڻ وٽائڻ واري فهم جي قائل نا هي۔
حڪيم پريم چانڊواڻي جو ڪيل اظهار ايترو سادڙو ۽ سگهارو آهي جو پڙهندڙن لاءِ

ڪٿي بہ سواليہ نشان نہ ٿو بڻجي۔
حڪيم پريم چانڊواڻي جي دوهن مان ماڻهپي جو معيار، سچائي، سنجيدگي ۽ حقيقت
سميت ٻيا ڪيترائي انوکا اهڃاڻ ملن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ جدت، شدت بيساختگي ۽ فن
فڪر جي گهرائي ملي ٿي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ شاعر ڪيترين ۽ ڪهڙين ڪفيتن مان
گذري لکيو هوندو، پر اها بہ پرک پوي ٿي تہ هو موجوده سماجي اڻ برابري ۽ منافقي جي
ﭘر مان گذري تخليقي پور هيو ڪيو آهي
سائين حڪيم پريم چانڊواڻي کي سچي مزاج رکڻ تي دلي داد ڏجي ٿو.
نول سُندر پبليڪيشن سنڌي ٻولي جي ڀلوڙ شاعر حڪيم پريم چانڊواڻيءَ جو هي ڪتاب
ڇپيندي گهڻي سرهائي ۽ اعزاز محسوس ڪري ٿو.

وسند چوهاڻ
نَول سُندر پبليڪيشن

16 نومبر 2022

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ٻول انمول: شاعر حڪيم پريم چاندواڻي

تعارف

منهنجو نالو پريم چند چاندواڻي آهي

منهنجو ادبي نالو حڪيم پريم چاندواڻي آهي- منهنجو جنم ڏوڪري شهر ۾ 25-07-1956 تي بابي مينهل داس جي گهر ۾ ٿيو-

منهنجي نک بسيرا آهي، جيڪا کتري راجپوت جي هڪ شاخ آهي-

چاندواڻي اسان جو خانداڻي نالو آهي-

ڪرت:

مان زرعي ريسرچ ڪاتي ۾ 1981 کان 25-07-2016 تائين اسٽيٽسٽيڪل آفيسر ۽ اسسٽنٽ اسٽيٽسٽيشن جي عهدي تي ڪم ڪري ريٽارڊ ٿيم-

منهنجي تعليم ايم- اي (اقتصاديات)، ايل ايل- بي- ايف- ٽي- جي آهي-

هن وقت بلڪل فارغ آهيان-مون پهرين وائي 1972 ۾ جشن لطيف پروگرام ۾ ڏوڪريءِ ۾ پڙهي- 1975 ۾ مان مان جڏنهن سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري ٿيم ته ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون،

منهنجي پهرين شاعري عبرت مئگزين حيدرآباد ۾ 1986 ۾ ڇپي، پر مون شاعريءِ جي باقائده شروعات 1990 کان ڪئي- شاعريءِ سان سان گڏوگڏ ڪالم خاڪا، نثري ٽڪرا، صوفيانه مڪالا، طبي ۽ نفسياتي مضمون، ٻاراڻي ۽ مزاحيه شاعري، نعتيه ڪلام، حمد، منقبت ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه لکيو آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي سيني اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪو آهي- اهو سفر اڃا جاري ساري آهي، وچ ۾ ڪجهه وقفا آيا ضرور آهن پر مون ان خال کي پرڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي آهي،

مون گهڻي ڀاڱي غزل گيت وايون بيت چوسٽا دوها ۽ نظم لکيا آهن-

مون وٽ ڏهن ڪتابن جيترو مواد تيار پيو آهي، هاڻي يارهين ڪتاب جو مواد لکي رهيو آهيان، منهنجو روزانو شاعري ڪالم فيس بوڪ تي ۽ واٽس ايپ تي ڪافي عرصي کان کان هلندڙ آهي، جنهن ڪافي مقبوليت ماڻي آهي ۽ بيحد داد ملندو رهيو آهي- هي پهريون ڪتاب ٻول انمول اوهان جي هٿن ۾ آهي، پنهنجي راءِ کان ضرور آگاهه ڪندا لک قرب مهربانيون

لفظ سي ڳالهايو، جيڪي يادگار ٿي پون،
دنيا ۽ سنسار لئي، مشعل راهه ٿين.

❊

لفظ لفظ ۾، ساهه پيرڻ،
سولو ڪم ته ناهي،
لفظ لفظ کي امر ڪرڻ،
سولو ڪم ته ناهي.

❊

جڳ فنا ٿيندو، نالو رهجي ويندو،
نالو سو رهندو، جنهن ڪرم ڪيو هوندو.

❊

دنيا ۽ عقبئ جو، نقشو جي چٽجي،
ان ۾ امر انسان کي، کهڙي جڳهه رکجي.

❊

انسانيت عظيم آ، اگر ڪو سمجهي،
مذهب واري مام ۾، ڪون ڪو اٽڪي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ڳل وڻ ٻوٽا، ڪهڙو درس ڏين ٿا،
دنيا فنا آ، نيڪ ٿيڻ ڏسن ٿا.

ڳل چٽي ٿو، ٻوٽي جا پير ڪيئن چمي،
مجهول ماڻهو پيرن هيٺان، ڌرتي پيو ڪُدي.

پنهنجي پيٽ پرڻ لئہ، ٻئي جو ڳلو ڪٽڻ،
چاهو به فيشن آ، منهن ڪارو ڪرڻ.

ياد رهي گا، اس ڪو زمانا،
جس ني ڀي کهايا، باسی کهانا.

ڪي شغليءَ ڪي شگوفا آهن،
ڪي ست رنگي، ڪي ڦٽاڪا آهن.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جي دليون ڏکجن، نظرون ڏکجن،
امبر تي تڏنهن ٿيون، وڄون تڙپن.

❋

فطرت ڌرتي دل تڙپي ٿي،
محبت جي ناڪام ٿئي ٿي.

❋

امبر ٿو روئي، ڌرتي ٿي ڏبي،
آدم تي اگر آفت ٿي اچي.

❋

نوٽن تان تصوير مٽايو، ڇا بچندو،
ذهن مان تصور کي هٽايو، ڇا بچندو.

❋

جي دليون ڏکجن، نظرون ڏکجن،
امبر تي تڏنهن ٿيون، وڄون تڙپن.

❋

فطرت ڌرتي دل تڙپي ٿي،
محبت جي ناڪام ٿئي ٿي.

محبوبن جا داپا خراب،
ڪپتي اهڙي، ادا خراب

❋

ٻي نسلن سان، وڙ ڪرڻ،
ڪپر نانگن کي، کير ڏيڻ

❋

ادب ۽ اخلاق سان، آدم ٿئي اتم،
جنهنجو آ ايمان ڪچو، سوئي ڪري وهم.

❋

پريم معنئ پيار، پيار معنئ احساس،
زندگي آ خواب، يا چئجي آ وشواس.

❋

ٻي وڙن سان، وڙ ڪرڻ،
گڏهن آڏو، گاهه رکڻ.

❋

تخم جو تاثير ۽ صحبت جو اثر،
مڪريلو ماڻهو، هر روز مڪر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

اگر بهلانا چاهو، بهلا نه پائوگي،
پريم نام هي ميرا، ڪيا دل گنوائوگي

❊

بات هو ذرا مختصر،
پر ڪام هو تمام تر.

❊

"پريم" ڪي وسارڻ، زندگي وسارڻ،
چين ڪي وڃائڻ، مردي جيان گذارڻ.

❊

ڪوڙي گوريءَ ڪان پوءِ، مٺو شربت،
اصولي ڳالهين ڪان بعد، مٺي محبت.

❊

تصور جي آهي دنيا،
ڪجھ اکين، ڏسان ٿو،
ڪجھ مشاهدي سان،
پرکڻ ڪان پوءِ، لکان ٿو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

نه سچو گهر، نه وري شهر سان،
تشبيه ڪڇي گهڙي يا ڏجي پٽر سان.

❊

سنسار سارو ڏوکو، دنيا خالي خول،
غير جي درتي نه رول، دل آهي انمول.

❊

ٻي نسلي سان چڱائي ائين، جيئن نيل تي اکروٽ،
پنهنجو گهر ٻاري، ٻهاري ڪندو محلي ۾ ڦڙڦوٽ.

❊

بس شوق آ، جو لکائي ٿو.
هر شاعر، وقت وڃائي ٿو.

❊

سوچ غلط ته ڪار غلط،
ٿيندو هر، وهنوار غلط.

❊

خواب سهانا، ڏسڻ جي عادت،
پيار محبت، سمجهون عبادت.

جس ني ہي رلايا هم ڪو،
صديان روئي گا.
سک چين، کانا پينا،
سب ڪجه کوئي گا.

❋

جديد دؤرجي، نئين تقاضا،
ختم رسمون، ٻينڊ ۽ باجا.

❋

گل ۽ بلبل، سڀ قصا پراڻا،
ڪالھ مري ويا مومل راڻا.

❋

مڱڻي شادي، ديرا آ ڇاڄي،
دير انڌير، مهانگي ڀاڄي.

❋

گلشن جي اجڙڻ جو،
سوچو ته سبب ڇاهي،
حق ٿين ٿا غصب،
چو انڌير نگر آهي.

غلام کي آقا بڻائي، ان جي مرضي،
خواب کي ساڀيا بڻائي، انجي مرضي.

❊

"نه" چوڻ سکو، ورنه ڦرجي ويندؤ،
نؤسرباز جي هٿان، ٺڳجي ويندؤ.

❊

جعلسازي وڌي، ڏاڍي وڌي آ،
جنهن سچائيءَ جي جڙ وڍي آ.

❊

هرجاءِ هجي، يڪسانيت،
هر دل ۾ هجي، وحدانيت.

❊

مند جيئن مٽجي وڃن ٿيون محبتون
چلوليون آهن، اڇوڪيون چاهتون.

❊

نڪو لٺ سان، نه ٺي مار سان،
سارو ڪم ونڃو آ، پيار سان.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇون تڙپي پون ٿيون،
احساس نه آدم کي،
ڪوڙڪپٽ وئي وڌي،
وشواس نه آدم کي.

❊

وشواس ويو، ڳهٽجي
احساس پيو ڏڪجي،
پيار محبت جي،
ڏوري وئي ڪٽجي.

❊

هڪ بک آ، هڪ پياس آ،
قرب ۽ قربت، آئي نه راس آ.

❊

بي پلي پياس آ، بي چئي آس آ،
بي رحم زماني ۾، نراس ئي نراس آ.

❊

ڪڏنهن بارشون، ڪڏنهن ٻوڏ جو فڪر،
زندگي ڏاڍي ڏکي، ايئن ڪئي بسر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جوانن جا ٽِي، پير چٽي،
جهونن تي، دهمان ڪري.

❊

نه مرد آ، نه عورت آ،
فيڪ جيڪو به فرد آ.

❊

ٻين جي خاطر زندگي، اهڙي طرح ڪٽي ڇڏي،
پنهنجي جند جان جي، ذرو به پرواهه ڪو نه ڪئي.

❊

جهوپا ٽا جهرن، ڇنا ٽا ٽمن،
مارو ٻڇندي ٻڇندي، ساهه ٽا ڪٽن.

❊

بارش جا راڳا، ڪير وساريندو،
بارش ۾ هرڪو، ساجن ساريندو

❊

غربت جا ماريا، مارو وچارا،
ٻڌا ٻنيون ۾ ٻارا، هلڻ جا چارا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

اڪيون آليون، آسون اڌوريون،
ڪيئن ملهائن، مارو عيدون.

❊

ظلمن مٿي ظلم آ، ستمن مٿي ستم آ،
اڳ ۾ سور گهڻا، بي رحم ٿي موسم آ.

❊

قاتل ٿي، مهمان جو ايندا،
نسل ڪيئن نه! تباهه ٿيندا.

❊

مولا ڪَنج ڏنو، ڪنهن شئي جي لوڙناهي،
باقي پيار جي رشتي کي، ڪوئي توڙ پڄائي.

❊

پيار جو رشتو آ، ڪچي تند جيئن،
دل جي شيخ پڄائڻ، عمل مشڪل ايئن.

❊

اوجاڳا ۽ آهون، حصي ۾ آيون،
رلي ويون جو، رڻ ۾ راهون.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جلدبازي ۾ گھٽو وڃائي،
سڄي عمر پوءِ پڇتائي.

❊

اوقات کان وڏا، خواب ڏسون ٿا،
خواب ٽٽڻ تي، واويلا ڪيون ٿا.

❊

اسان آدم جي اولاد ، جو آهيون،
فرشتو پاڻ کي، ڪيئن سڏايون.

❊

جڏنهن ڪنڌن ۾ ، الجهي پئون ٿا،
پوءِ ويٺا، رت روئون ٿا، درد سهون ٿا.

❊

حسين دنيا، جميل دنيا،
مگر هي ناهي، اصيل دنيا.

❊

هي قريب دنيا، فريب دنيا،
خوشين جي آهي رقيب دنيا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪو ٻه ڪري ٿو جبر ماڻهو،
سو ظالم ڇا ڄاڻي، فقر ماڻهو.

جيڪو ڪنهن جو ٿو، جيون ناهي،
ان جي جاء، جنت الفردوس ۾ آهي.

جيڪو ڪنهن جي ٿو، جان بچائي،
سو پڪ سان، جنتي ۽ ناجي آهي

جڏنهن رحم مٽجي، ستم ٿو ٿئي،
تڏنهن سختيءَ جو نئون عالم ٿو جڙي.

ڀلائي ڪرڻ سان ڀلو آتيندو،
برائي ڪرڻ سان برو آتيندو.

رحم ڪرڻ سان، ڪرم وڌي ٿو،
سڀ مولا مشڪل حل ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

بنياد ۾ جنھن جي ڪوڙ،
اھا ڍھي ٿيندي آ، ڊوڙ.

❊

سؤ دفعا ورجائجي، ڪوڙ نه ٿيندو سچ،
جيئن ستارو مٽجي، ٿيندو ڪونه سچ.

❊

سونھن کي ساراھجي،
حسن کي، ڪٿرائجي.

❊

حسن اخلاق، حسن ڪردار،
لوڪ جو سو، ڪٿندو پيار.

❊

ادا! اخلاق چاھي، ڪردار چاھي،
چئي! ڪنھن ماڻھوء جو نالو آھي.

❊

انا ۾ جيڪو پيي، اٽڪي پوي،
پيٽل گهڙيال جيئن ڪونه چري.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ها! محبتي ماڻهن جو، خون ابري ٿو،
جڏهن ڪو اجايا، الزام ڌري ٿو.

❊

غير فطري پيار، ڪيئن وڌي سگهندو،
جيئن ٻي- پاڙيءَ ۾ ڦل ناهي ٿيندو

❊

گل جهومن ٿا، پکي ٻولن ٿا، بهار جي موسم،
انسانن جي دنيا ۾ ، ڇو ڏڪار جي موسم.

❊

جنهنکي دل لڳي، نڪو چاهه آ،
سو ماڻهو تنها، مثل ماهه آ.

❊

جي سڀ ماهروءِ خوبرو،
سي رهيا، سدائين روبرو.

❊

سڀ حاضري، در جي پرن،
جيڪي به دل ۾، پيار رکن.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

حسن پيو ڪجهه، هجي نه هجي،
اکين کي لطف ۽ تراوت ٿي ملي.

❋

جيڪو چوي ٿو ، سونهن نه آهي،
اهو پنهنجي اکين جو، علاج ڪرائي.

❋

حسن جو جلوو، چنڊ جو چمڪو،
هر ڏسندڙ کان، نظارو ڏٺو هوندو.

❋

ثنا حسن جي ، قدرت جي ثنا،
جيڪا وساري انا، سا ڪونه خطا.

❋

جيون کي، جيئڻ کپي،
نکو انکي، لوئڻ کپي.

❋

محبتون ٿا ميڙيون،
دل ۾ ٿا، سهيڙيون.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ڪمزورن تي ڏاڍ ڪرڻ، آ ڪمزوري،
ڪمزورن تي ڪونه ٿئي ٿي شهزوري.

❊

ويا ڇو ڪيترا وشواش ٽوڙي،
اڪيلو ڇو پيو تون، پريم لوڙي.

❊

جيئون ٿا پيا، اميدن جي سهاري،
تو زمانو، خواهشون ارمان ماري.

❊

رخ هوا جي ڪي به تون ڏسڻو پوي،
تو رنگ شعرن ۾، نئون ڀرڻو پوي.

❊

مت سان طئي ڪرڻا سيئي مرحلا،
سر سلامت، جي سلامت حوصلا.

❊

همت حوصلي سان، اڳتي وڌڻو آ،
اهڙي طرح نالو، روشن ڪرڻو آ.

امبر ڪان ٻيي اوچو، پنهنجو هجي نانءُ،

شينهن ڪان ٻيي، من مظبوط هجي هانءُ.

ڪوڙ لڪڻ سان، ڪانئيارو ٿبو،

سچ لڪڻ سان، سوڀيارو ٿبو.

سچ جي قائم ڪهاڻي آ،

ها! ڪوڙلوڻ ۾ پاڻي آ.

سچ واري سان، پنهنجي سڪ،

ڪوڙا! ٻيچ تون، ڪنڌ ۾ لڪ.

ڪدڙن ڪي، جهندا پٽ،

جي مطلبي، ٿيندا مٽ.

مسلسل جهد ۾ محنت ٿي گهرجي،

ائين ته ڪائي ماروي، نٿي ماڳ ڪي پهچي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مان آدي جڳادي، سنڌي آهيان،
هن عمر ۾ ڪهڙو روپ مٽايان.

❊

الائي ڇو اسان سان، دشمني آهي،
اسان ته ڪنهنجي دللڳي آهي.

❊

الله ڏئي ته، الله وڏائي نه سهي،
بدبخت! پنهنجي ڀاڳ کي ٿي پِٽي ڏئي.

❊

مٺا مرسل، توسان پيار هجي،
توسان ڳنڍيل، دل جي تار هجي.

❊

ڪنهنجي نيڪي ڪنهن کان برداشت نٿي ٿئي،
پنهنجي برائي ڪنهنکي، ياد ڪيئن رهي.

❊

پير فقير وانگر، جي مطلب پورو ٿي ويو،
مطلب سواءِ ڪنهن کي، ڪو ياد ڪيئن ڪندو.

ڪل خوشيءَ سان، گذري وقت،
ان ڪان وڏ ٻيو، ڪهڙو بخت.

خوشيون ٿوريون، غم گهڻا،
اهڙي بي رنگي، آهي دنيا.

نه ڍنگ، نه ئي دنگ آ،
بس اجائي رڳو جنگ آ.

عقل گهٽ ۽ خيال وڏا،
انهيءَ سور ڳنهي ورتا.

سوچ سان ڳڌ ڳڌ، لوچ هجي،
هر قدم اڳتي، اڳتي ئي رهي.

قرب جي ڪمي آ، قريب ٿيا رقيب،
هاڻي پنهنجا ڀاڳ ڪٿ، ڪٿ شل نصيب.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

عقل عشق، ٻئي جوڙ مخالف،
عقل عشق کان، رهي خائف.

❊

جوڙتوڙ جي، رهي نه سياست،
هاڻي توڙتوڙ جي، رهي حسرت.

❊

جي موت سڻي، ته دل ٻه ورندي،
رڳو پريشانيون، ته ڪهڙي دل ٺرندي.

❊

پنڻ جي ٻه عادت، جنهن کي پئي آ،
دنيا جي جهلڻ سان، اصل ڪونه وئي آ.

❊

لفظ سي ڳالهايو، جيڪي يادگار ٿي پون،
دنيا ۽ سنسار لئي، مشعل راهه ٿين.

❊

گل چيٽي ٿو، ٻوٽي جا پير ڪيئن چمي،
مجهول ماٺو پيرن هيٺان، ڏرتي پيو ڪيدي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيون جو، نان ۽ مسئلا،
بي وقتي اڱرا، فيصلا

❊

ٽڪي جي سوکڙي، اربين وڪامي،
ڪنهن جي سورن ۾، رات وهامي.

❊

پيٽ بکيو ڪو، ڪو انگ اگهاڙو،
مسڪين مارن لئہ، ڪات ڪهاڙو.

❊

نالائق واپاري، وڏا قهاري،
بي جاءِ منافعو، وڏا ڏڪاري.

❊

وار سارا ٿيا اڇا، ڏاڙهي اڇي،
دل چوي ٿي مان ڪراڙي ناهيان ٿي

❊

مهانگي سدا خريد ڪيون، اصلي اصل ڪان،
بيزار پاڻ ٿا رهون، نقلي نقل ڪان.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

الله جي ڪرم سان، ميسر آهي سڀ ڪجھ،
جي لالچ ۽ خواهش ڇڏ، حاصل رهي
سڀ ڪجھ.

❋

ٻڌو سڀ جي، ڪيو من جي،
نئين چال رهي، سدا شاطرن جي.

❋

اها به چئبي، مجبوري،
ڪوئي نه، ورنائي ڪنهنجي.

❋

بيوسيءَ جو، اهڙو عالم،
بيپرواه بنيو، هرڪو بالم.

❋

نه جذبو آ، نه جان آ،
هرڪو خانئَ خان آ.

❋

ڪو نه ڪنهن جو، سچ ڏسجي
ته هرڪو، غرضن لئَ لوڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوچڻ جو، هيءَ آهي جهان،
ٻئي تي ڀاڙڻ، اٽل نقصان.

❊

ڪونه ڪنهن سان، آهي سچو،
هٿ ڪي ڪائي ٿو، گهر جو ڪتو.

❊

شرم و حيا ويا، شهر ڇڏي،
همدردي وئي، لوڪان لڏي.

❊

غرض سان بس غرض آ،
وسريو هر هڪ، فرض آ.

❊

عزت محبت، دل ۾ هجن ٿا،
بس مطلبي، ڏيکاءُ ڪرن ٿا.

❊

نه رنڊڪ آ، نه روڪ آ،
پوءِ ڇو ٻيجا، ٺوڪ آ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

نه ڇئو نه ٻڌو، اهو وقت اچي ويو

اڻ ڪائي ٿو شينهن کي، هائو هائو ڪيو.

❊

راتيون جاڳي، شعر لکون ٿا،

تن ۾ پنهنجو، روح پريون ٿا.

❊

جو ڀلائي نه ڀولي، وهي محبت هي،

جو دن رات نه سوني دي ، وهي چاهت هي.

❊

ايمان جن مهمان، جڏنهن به موڪلائي،

عزت ۽ غيرت ٻئي، ساڻ وڃي ڀڄائي.

❊

جيڪي ماڻهو، ڪريل آهن،

پور ڇيڻ جان، پريل آهن.

❊

ٻج ڙي ٻاڙي، جان ڇڏي وڃ،

پنهنجي ٻاڙي مان، ترت لڏي وڃ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ڳنڍهن ڪي ٽو، ڳج پارائي،
مولا ڳهٽو ئي، راحم آهي.

❋

ڪي واٽا، ته ڪي وري ڪوڄي ڪتا،
شريفن پويان ڊڪن ٿا، لاهيون لٽا.

❋

جن ڳهٽو ڳهٽو، ٽي ڪيو،
تن ڪان، ٽورو ٽڪو به ويو.

❋

آنکھ هي پرنم، ساجن ميرا دور،
تصور مين کهويا، هر پل هون مخمور.

❋

ڪو ڪو ڪار زبانو،
ڪو ڪو ڪار مونهون،
دنيا ساري آلودھ،
هر طرف دونهون دونهون.

❋

جي محسنن کي مارن ٿا،
سي پنهنجو، ٻيڙو ٻوڙن ٿا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

هر ڪو عقل، ڪل آ،
پيو لوڪ سچو، جاهل آ.

هر هڪ جو، ڪردار انوکو،
رڃ جيان، ساري دنيا دوکو.

وهه وعده هي ڪيا، جو وفا نه هو،
وهه عشق هي ڪيا، جو خطا نه هو

بيوفا محبوب وانگي، نيت جون راهون تڪيون.
اربين روپيا ڪمائن ٿا، نئين نڳي ڪيون.

ڪي نڳ آهن، ڪي ناٿ آهن،
لتاڙجن ائين، فوٽ پاٿ آهن.

ها! پادر پستي، عزت اوهانجي
نڳي اوهان جي، سزا اسانجي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

اعمالن جي، شامت آ،
رحمت بڻي، زحمت آ.

❁

آهه ڪي ڪا راهه ناهي، درد جو دارون نه آ،
ٻجليون ڪڙڪي ڪرن ٿيون، اڀ
ٿيو ڏارون نه آ.!

❁

اشڪ اکين ۾، درد دلين ۾،
ساجن ساريون، ديد درن ۾.

❁

آلودگي ٿي، زهر هاري،
ملاوت پئي، مارو ماري.

❁

مور ۽ ڪبوتر، ٻئي پکي امن جا،
انب ۽ ڪتلون، ڪاٿ منهنجي چمن جا.

❁

اکيون آليون، دليون دڪايل ڇاڻي ڇاتيون،
بي رحم ماڻهو ۽ موسم، ڪاريون
راتيون.

تنهنجو منهنجو، رب هڪڙو،
شيطان وجهي، وچ ۾ ٻيڙو.

❊

جنهن جي هٿ ۾، لٺ،
ان جون مينهون سٺ.

❊

خوف -خدا جنهن کي ناهي،
دل جي مرضي، سو ٿو هلائي.

❊

ڪچھ آتي هين، ڪچھ جاتي هين،
وھ نقش پا ڇوڙ جاتي هين.

❊

نه تو هيرون، يا سوني ڪي طلب،
همين هي، امر هو جاني سي مطلب.

❊

طاقت وارو هتي ڪير آ،
جنهن جو ڏنڊو، زور آ.

بد نيت لئي، عذر گهڻا،
نيڪ نيت لئي، ثمر گهڻا.

❋

ٻاراڻي گهر ۾ عينڪون، روزانو ٽٽن،
دليون اهي بيمثال، ٽٽي جي جڙن.

❋

لفظن ۾ آساهہ، لفظن آ ويساهہ ڏنو،
لفظن ۾ آجان، لفظن مونکي چاهہ ڏنو.

❋

ٻچڻ وارا، ٻچي ويندا،
نيڪ صالح، رهجي ويندا.

❋

روحاني آهي منهنجو رنگ،
سچارن سان، پنهنجو سنگ

❋

سڀ ڪوڙن، توڙي موالين سان،
صفا ڪونہ لڳي ٿي، زوالين سان.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولا رحم ڪرم ۽ فضل درڪار،
اڃي پاڻ ڪندين، رب! ٻيڙا پار.

ساڌن جي صحبت، تاريندي،
غيرن جي صحبت، ٻوڙيندي.

هر جاءِ تي، شيطان هجي ٿو،
ڪارخراب ڪان، ڪون مڙئي ٿو.

گهر ٿا ڪرن، ماڻهو ٿا مرن،
خوف هراس ۾، ساهه کڻن.

وقت وقت جي، پنهنجي ڳاله،
هاڻي بارش بڻي، آهي وبال.

گهرج سوا ڪا، چيز نه گهرجي
شاباش بجاءِ، مهميز نه گهرجي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

فقيرن جون رمزون، فقيرن جا گمزا،
فقيراڻا رنگ روپ، ڪنهن نه سڃاتا.

❊

شيطانن لئہ، عجب سبق،
لعن طعن آ، تن جو مرڪ.

❊

جن برو سوچيو، تن برو پاتو،
جن سٺو سوچيو، تن سٺو پاتو.

❊

ابتڙ هلي ٿو، هي سارو زمانو،
لڳي هر فسانو ٿو، ڪوڙو فسانو.

❊

قابل ترديد جي، ترديد ڪبي،
شاعري سموري، جديد ڪبي.

❊

نخرا ناز، نويلين وارا،
لوڏ لمڪا، حولين وارا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

تم بھی کھاؤ، ھم بھی کھائين،
سب مل ڪر، عيد خوشيان منائين

❊

محبتين جا، ميلا هوندا،
ڪانئرن منهن پيلا هوندا.

❊

پيٽ پرين ڪي، وڏيڪ بک آ،
ٻين مليو نه مليو، مڙئي سک آ.

❊

امداد آئي، ڪاڄي به وئي،
ٻني ٻشر ڪي، خبر نه پئي.

❊

امداد کائن، پيٽ وڌائن،
پنهنجو وينا، شان گھٽائن.

❊

چار ٽرڪون، چارئي چٽ،
مطلبيءَ جو، ڪوئي نه مٽ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

لوڀين جي بڪ، پوري نه ٿيندي،
عزت شهرت، موڪلائي ويندي.

❁

خود غرض کي فڪر ڪھڙو،
مري ته مري، سمورو ويڙهو.

❁

عزت وڏي آ، پيسي کان،
پيسي توڙي ڪرسي کان.

❁

مونکي پسند، اخلاق ادب،
نامراد آ، بيشڪ بي ادب.

❁

آس رکي سي، غيرن ۾،
غيرن ۽ من ميرن ۾.

❁

ٻوڏ کان وڌ، بارش آ ستايو،
مارن جو، سک چين ڦٽايو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

لوڀين کي مت، ڪونه ڪا ايندي،
تن لعن طعن، پئي وسندي رهندي.

❁

مارو رودن تي، ۽ رستن تي،
ڪو رحم ڪيو، خالي هٿڙن تي.

❁

ٻي اصولن جا به ڪجھ اصول آهن،
لوڀين ٺوڳين لئي، سڀ فضول آهن.

❁

جن اهڙا، ڪپتيا ٻار ڄڻيا،
تن جا سورئي، بيڪار ويا.

❁

ڀلا ڇو ڪرين ٿو، ايئن،
ڀولي وارو، عدل جيئن.

❁

تم ڪيون ڪرتي هو، ايسا،
جو تم ڪو زيب، نهين ديتا.

تقاضنا ڪيو، لائق مان،
کھڙي اميد، نالائق مان.

❊

ٻي خاصا ھي، ھر عادل ڪا،
ڪرو پوري تقاضنا، ھرعدل ڪا.

❊

مولا ڪڪر موڪل، منھنجي ٽرڏي،
ٻيابان برپٽ ڏي، يا ڪاري برڏي.

❊

ڪوڙو ماڻھو، مطلبي دوست،
اھڙو دوست، ڦڦڙ نه گوشت.

❊

انسان دوستي، دستور اسان جو،
خدمت آھي، منشور اسان جو.

❊

ھر گھور گھايل، ھر دل لڳي ٽٽل،
واسطا ۽ ناتا، سڀ رابطا ڪٽيل.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

بادل بيهه نه هتڙي،
وچ ڪربلا جي صحرا ڏي، اچ ۽ رچ جتي،
ٿي بيوسيءَ ۾ پاڻي گهري.

❊

عشق اسانجو، چند چڪوري،
چوڏهين رات جو، جاڳي پوي،
مست الستي ننڊ اسان جي،
خوابن ۾ ٿو، پرين پسجي.

❊

بلند خيالي، آعلي ظرفي، اهي اوصاف انساني،
حق تلفي، بيواجبي، اهي اوصاف شيطاني.

❊

سواءِ نيڪ عملن جي، آ انسان ڪهڙو،
سواءِ لشڪر خزاني جي، آ سلطان ڪهڙو.

❊

ايڪي سان، اتحاد وڌايون،
گهرجن ڪي، امبر تي رسايون.

❊

پنهنجو ديس ۽ پنهنجو ويس،
غير جو ديس، آهي پرديس.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

آهه غريبان، قهر خدائي،
ظالم کي ڪوئي، سمجهائي،
جن گرانيءَ جو، ڀي قابو،
بوتل ۾ ڪو، بند ڪرائي.

❊

شرم و حيا جون، حدون لتاڙن،
لالچي واپاري، هڏيون چباڙن

❊

خوشيءَ جون خوراڪون، ڪارايو اسان کي،
محبت جو مشروب، پياريو اسانکي.

❊

مهانگ جا ماريل، ستم جا ماريل،
سانگي سدائين، ظلم جا ماريل.

❊

حد اها آ، ڇڙواڳيءَ جي،
مرضي هلائن، دل پنهنجيءَ جي.

❊

چا ٿيو آ، ٿيٽو چاهي،
ظالم وات وڏي سان ٻاهي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

روز ازل کان، انسان آ بيوس،
جيون ۾ ڪو، رهيو نه چس.

❊

جزا سزا جو، فڪر نه ڪنهن کي،
روز ستائن، جنهن کي تنهن کي.

❊

بازار ٻري ٿي، باهه جيان
آوي ءِ جي ، آڙاهه جيان.

❊

ڀهڙي اوندهه، ڪونه ڏٺي سين،
من مانيءَ جي، اوج ٻڌي سين.

❊

ڏک ڏولاوا، درد تڪليفون،
گهٽيون گهٽائي، مون لکيون.

❊

سڀ سگهارو، آواز اٿاريو،
سنڌين جو، سومان بچايو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪو مظلومن جو، ساٿ آڏيندو،
سو سدائين جڳ ۾، امر آ رهندو.

❊

مٺي سوغات محبت جي،
ڪڙي گوري آ، ڪلفت جي.

❊

دؤر ٿو منجي، ديرنه آهي،
خدا جي در، انڌيرنه آهي.

❊

ڪڙي ڪان ڪڙي ياد، برسات جي،
مٺي ڪان مٺي ذات، ماسات جي.

❊

غيرن سان آ، سهٽو سلوڪ،
پنهن جن سان آ، مٺن فوڪ.

❊

هوائي توائي، سڀ ناتا رشتا،
وڏائيءَ وڪڙم، اڙجي ويا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪو حق ڪائي، تنهنجي هڙ وئي،
انجي دنيا عقبي، خوشي اجڙي وئي.

ھيءَ ذٽ پرولي، آ دنيا،
رنگ ڏيکاري ٿي، چاچا.

پيٽ پريل جو، گهٽو ڪائي،
سو ساري عمر، ٿو پڇتائي.

"پريم" وچائي، چاچا پرايو،
علم عرفان سان، اندر اجاريو.

دنيا جا سڀ، رنگ نرالا،
سمجهي سگهيا، ڪونه ڏاها.

ڪوڙيون لسٽون، ڪوڙا ڍنگ،
ڏسو دنيا جا، عجيب رنگ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

چمچا سمهاريو، رودن تي،
مچر ڪائن تن، موجن تي.

❊

ڪمتر جون ڏس، ڪمتر ڪارون،
ٻڌن نٽا، مارن جون پڪارون.

❊

ڪوڙا ڪانئر، ڏيڏر آيا،
جن مسڪينن جا حق ڦٻايا.

❊

پڪ ايندي، هاڻي قيامت،
بري عملن جي، شامت.

❊

سنڌ سموري، سورن ۾ آ،
آهن سڏڪن، پورن ۾ آ.

❊

خوف خدا جو، وسري ويو آ،
اولاد آدم جو، بگڙي ويو آ.

لاشا ڪچن ٿا، ڳوڙها ڳڙن ٿا،
آهون دانهون، گهر ڪرن ٿا.

❊

سڀ ڳڌجي، آواز اٿاريو،
ٻڌل ٻيڙيءَ کي، پار لڳايو.

❊

پيدا ٿياسي، پيار وندڻ لئہ،
ظالم سوچن، مارو ڪهڻ لئہ.

❊

توکي لڳي آ، ڪمائيءَ جي،
اها ڳاله آ، پيٽ پرائيءَ جي.

❊

پيار جي بک، وڌي ويئي آ،
ڏکن جي ڏک، وڌي ويئي آ.

❊

موسمي ڏيڏر، غائب ٿي ويا،
ڪونه ڏناسي، تن جا سايا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

دشمن جو ڪم آ، حملو ڪرڻ،
اسان جو ڪم آ، هوش رکڻ.

ڪم پنهنجي سان، عشق ڪيو،
ڪاميابيءَ جو، جهنڊو کوڙيو.

هر نظر، حيران آ،
هر شهر، ويران آ.

اهو ڪهڙو پيار آ،
هر ڳالهه ۾، انڪار آ.

ڪوئي ڪنهنجو، ناهي جڳ ۾،
هر ڪو پنهنجو، ٿاهي جڳ ۾.

پنهنجن سان، به پٺاٽڪي،
اها سوچ، انڌن ڪاڻن جي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جي دل، آهي سڌير،
پهاڙ به، ڏيندا ڪير.

❊

خوف ڦهلائڻ، ظالم جو ڪم،
آدم جو ڪم، هر وقت رحم.

❊

اندر جن جو، ڪارو،
هر عمل مطلب وارو.

❊

ڪانئر جو ڪم، ڪوڙو ڏهڪاءُ،
جوڌي جو ڪم، صفاختم انياءُ.

❊

بري سوچ، توڙي برو عمل،
ڪري عڪاسي، اندو جهل.

❊

هر خوشبوءِ گهلي، عاطر جي،
ها! هر چال بري، شاطر جي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مالڪي ڪيو، شهرن جي،
شهرن توڙي، ٻحرن جي.

❋

حسين مهجبين ۽ حسناڪ،
جوين پاڻئيو، چٽڪه ماڪ.

❋

خناس اسان سان، ڪونسن ٿا،
هو بيهودھ پيا، پونڪن ٿا.

❋

ملندو پيار پيسي سان، هي عجيب چرچو آ،
ملي پيار پيسي سان، پيار ناهي دوڪو آ.

❋

قدر وارو ڪو، رهيو نه آهي،
جيڪو دل کي، پنهنجو بنائي.

❋

پنهنجي دل، هاڻي ڪانه ڏيي،
هر ٻري نظر کان، بچائي رکبي.

ها لک ڪروڙ لهي ٿي دل،
پيار چا ڄاڻي، ڪو سنگدل.

❊

قرب وارن ڪي، لڪٺو پوي ٿو،
ٻري نظر ڪان، بچٺو پوي ٿو.

❊

برو زمانو، سوچ بري آ،
عالم جي وئي، مت مري آ.

❊

پيار جو ڪوئي، مول نه آهي،
هر ڪو عاقل بالغ، سهٺو سڏائي.

❊

همدردي بس، نالي ماتر،
لوڀ لالچ، ايمان ۾ ڪاتر.

❊

ٻڌندڙ ڪي ٿا، ويتر پوڙن،
دانهون ٻڌي به، ڪو نه ٿا تارن.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بري وقت کان، مولا بچائي،
لوپي ماڻهن، ماس ٽو کائي.

❋

پنهنجو نشانو، آهي حدف تي،
کونه هلايون، تير کو دف تي.

❋

لالچ ڪئي، هردل برباد،
مفت ۾ هرڪا، دل ناشاد.

❋

غرض کان پاڪ، محبت منهنجي،
هرشرط کان آجي، الفت منهنجي.

❋

سچو عشق، اوڏياڻيءَ جو،
وري نيهن، ٻروچاڻيءَ جو.

❋

هر ڪنهنجي آ، واٽ نرالي،
سيڪو عاقل، اڳلو موالي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

پيار هجي ٿو، دلين جو سودو،
عشق وري، روحن جو سودو.

❊

منهنجو نٿو وڻي، ورتاءِ ڇا تو ڪي،
ڪيڏو دل ۾ پريل، انياءَ آ تو ڪي.

❊

پيار ڪرڻ ڪو، ڏوهه ته ناهي،
عشق ۾ ڪوبه، ڏوهه نه آهي.

❊

پيار اسان جو، گهرو ساگر،
پيار بنيو آ، رهبر شاعر.

❊

ڀرپور گذاريو، هر پل جيون،
چند ڏينهن جو، هي جوڀن.

❊

جي سوچ جو محور، آهي نيڪي،
قدرت ان کي، ٿي بخشي نيڪي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

غمن ۾ پيءِ، گذارو ڪرڻو،
هر حال ۾ آهي، خوش رهڻو.

❊

سياست تي جي مال، لڳائن،
ماڻهن ڪي ٺا، راڄ جيئن پائن.

❊

دنيا جي هيءَ دوکيبازي،
انت نه ٺيڊي، سٽيبازي.

❊

من موجي ڇو، مارو آهن،
حالات انهن ڪي، ايئن بنائن.

❊

سسٽم مان ٺو، جيڪو نڪري،
ان جو سڪون، پنن جيئن وکري.

❊

موجون مزا سڀ، ڇمڇن خاطر،
مال جيان سڀ، سمجهن شاطر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مجبوري ٿي، سڀ ڪرائي،
ماڻهوءَ جو ٿي، مان گهٽائي.

❊

گل ٻيي رهندا، گلستان ٻيي رهندو،
پر خوشين جو، سامان نه بچندو.

❊

ڪڏنهن خوشيون ۽ ڪڏهين غم،
پر مجبور نه هجي، ڪوئي آدم.

❊

هاڻي وقت وري، ڪو چڱائيءَ جو،
مسڪين مارن جي، ڀلائيءَ جو.

❊

ڀاءُ ڀاءُ سان، ڪونه نباهي،
اهڙو برو وقت، آيو آهي.

❊

اڄ ماءُ مري وئي، ڀلائيءَ جي،
ها! سهڻي سوچ، سنائيءَ جي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مال ڪري ٺا، مان وڃائن،
پنهنجو شان، ايمان وڃائن.

❊

سچڻ ساٿي، چڻ لفظ اجايا،
جن پنهنجن جا، اعمال وڃايا.

❊

تنزل ڏي ساري، قوم وڌي پئي،
اصليت تان، پئي روز هٽي ٿي.

❊

محرومي مجبوري، وڌي ٿي،
ڇينا جهپٽي، چوري وڌي ٿي.

❊

گهر ضرورت، هر بندي جي،
امن محبت، ديس سڄي جي.

❊

صوفين سندي ديس ۾، ڇو ڪلفت پئي ڪاهي،
جنهن رستي سان ڪو وڃي، نفرت پئي باهي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

محبت جي ماحول ۾، رهڻ گهران آن،
انسيت واري ساهه سان، ڌڙڪي منهنجو هانءُ.

❊

هر ڪو پوکي، پنهنجي لاءِ،
پريم نه! جهوليءَ ڪي ڦهلاءِ.

❊

جيڪي پاڻ پٽي ۾، اٽڪي پيا،
سي تنهنجا منهنجا، ڪين رهيا.

❊

سڀ شعر لکيا مون، تنهنجي خاطر،
تون پاڻ اچي ڪر، تن جي واهر.

❊

ڇو؟ ساري سنڌ، ٻوڙايو ٿا،
پنهنجو نفس امارهہ بنايو ٿا.

❊

کهڙي ڪنڊي ۾، ڦاٿي دل،
اڃان تائين، ناهي نڪتي دل.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

وڏي پيٽين جي آ، بڪ وڏي،
مال امدادي، مٿين ڏسي.

❊

هر راهه ڏکي، بيوفائيءَ جي،
سدا سوڀ ٿيندي آ، سچائيءَ جي

❊

پريم وشواس سان، قائم رهندو،
سچائيءَ سان سدا، دائم رهندو.

❊

هر آدم جو، حق برابر،
ملي ٿو شايد، شاذو نادر.

❊

جن فرشتا، مال چٽن ٿا،
مسڪينن کي، اوبر ڏين ٿا.

❊

ڦري ٿو سوٽو، دنياڻي سڌري،
چو شرم حيا کان، ٻاهر نڪري.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

عجب هي سارو، نظام آ،
لچي لوفر جو مقام آ.

❋

عجب ٿو چرخو، چلي دنيا جو،
ذهن ٿو ابتو، ڦري دنيا جو.

❋

ڪوئي آڱر اشاري تي،
ڪوئي وري، سهاري تي.

❋

نيت صاف، ته مراد حاصل،
ڪونه ٿو سمجهي، پر جاهل.

❋

شرن ۾ شيطانن کي ناس ڪرمولا،
بيرحمن بيپاڙن کي، ناس ڪرمولا.

❋

سچائيءَ جو، پنڌ وڏو آ،
ڪوڙي آڏو، ڪامو ڪڏو آ.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ پراڻا دوست، ڇڏيندا وڃن ٿا،
سڪون جي ڳولا ۾، رلندا رهن ٿا.

❊

ڇو ڪمزورن جو، قتل عام،
مري بيواهن جو، حق مدام

❊

ڳلن ڦلن ۾، نه رهائي اسان سان،
سيڻ کي آهي، شڪايت، اسان کان.

❊

اڻ ڪيل جي، ڀوڳيون سزا ٿا،
ظرفن جو ڪيون، حق ادا ٿا.

❊

فقير جو ڪم آ، رمندو رهڻ،
ڪتن جو ڪم آ، ڏاڙهڻ ڀاهڻ.

❊

بد نيتن جيڪي، نانگ پاليا هن،
خود ئي زهر سان، مرڻ وارا هن.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

دل ۾ روئڻ ۽ ڳلن جون ڳالهيون،
ڪونه اچن، اهڙيون ٿيون چاليون.

❊

ماتم ۾ ڪيئن، پيار جون ڳالهيون،
دل به روئي ٿي، اکيون آليون.

❊

ڇڏ ڪهڻ واري، ڪار واپاري،
نه ٿي ۽ ماروئڙن جو، ڪڏهين ماري.

❊

واه ڙي زمانا، آهين عجيب،
بي غيرت جو، ڀلو نصيب.

❊

هر جاءِ ٿي ابتي، موٽ ملي،
ڏاڍي چمچن کي، ٿي ڇوٽ ملي.

❊

لفظن جو وٽ سهارو، تصوير کي ڇڏي ڏي،
هل پنهنجي ضمير تي، بي ضمير کي ڇڏي ڏي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ابتا پير، ڪٽن ٿا ڪرن جان،
شال ڏين ٻڪريءَ جي قرن جان.

❊

جيڪي جزا سزا کي، مڃن ٿا،
سي ڪم ڀلا کهڙا، نيڪ ڪندا.

❊

چاچا تماشا، ڏسان ٿو جڳ ۾،
چاچا گذري ويو، مونکان اڳ ۾.

❊

ڪنهن جي ڪم، نه اچي جيون،
سنگتراش جان انوکو، سمجهو فن.

❊

دل کي آزاڻ جن جو ڪم،
سي ڪيئن سڏجن ٿا آدم.

❊

عجب حسين آ، خيالي دنيا،
سوچ ۾ سهڻي، مثالي دنيا.

حقيقت ۾ آ، شرابي دنيا،
لوڀي ٺوڳي، وياجي دنيا.

❊

پاڻ پٽي ۾ ، گم آ دنيا،
ڪوڙو قصو ۽ چاچا دنيا.

❊

دنيا ساري، عارضي فاني،
ڏسو دنيا جي، ڪار ستاني.

❊

پنج ڪسيرا، جن وٽ آهن،
سي ٻيي پاڻ کي راجا سڏائن.

❊

تخليق ساري ، تحقيق مثل،
ڪون ٿو سمجهي، ابو جهل.

❊

ڪي خائف، ڪي وري خوفزده،
ڪي مطلب ۽ پيسي جا بندهه.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نباهڻ وارو، هڪڙو خدا،
ٻي ساري دنيا، آهي فنا.

❊

پڙهڻ جي دنيا، سکڻ جي دنيا،
سدائين اڳتي، وڌڻ جي دنيا.

❊

گلن سان نڀاهيو، ڪنڊن سان نڀاهيو،
مگر مونسان ڪنهن پل، ڪونه رهايو.

❊

سدا ڏاڍو ڏکارو، روح رهيو،
ڪنهن نه دل جو، درد ونڊيو.

❊

روزنئين هڪ، چوٽ لڳي ٿي،
دل جي دل ۾، رڪڻي پوي ٿي.

❊

دل جي تار، ڇڙي ٿي جڏهين،
مڌر موسيقي، ٻري ٿي تڏهين.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

لڳي دنيا ساري، رقصان آهي،
جڏهن پرين تون، پاڻ پسائي.

❊

دل جي تار کو ڇيڙي جڏهين،
لون ءِ لون رقص، ڪري ٿي تڏهين.

❊

جوڙ ٽٽڻ تي، امبر لرزي،
ڌڪاريتي بيحد، موسم تڙپي.

❊

ڌڪار قدرتي، آهي سزا،
ڦٽڪار دل جي، آهي سزا.

❊

ڌرتي ساري ڇڻ ڏيي وڃي ٿي،
جڏهن ناري بيواهه، ٿئي ٿي.

❊

ڦٽڪار ضمير جي، آهي سزا،
ظرف تي زنگ جي، ملي سزا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جي ذهن ضمير، آلوده ٿين ٿا،
سڀ انسانن ڪان، چين کسن ٿا.

❊

هتي هتي سو، رسوا آهي،
جيڪو پين جو، چين ڦٽائي.

❊

عوامي عدل جي، هيء سزا،
ڦٽڪار ظالم تي، وسي سدا.

❊

روز ڪري ٿي، نخرا دل،
ڏسي جڏنهن، پري چهرا دل.

❊

مان پرين سان گڏ، پيار به آهيان،
هر هڪ دل جو، قرار به آهيان.

❊

ابتا سبتا، تجربا، ڪيان ٿو،
تڏنهن حقيقت، توڙ رسان ٿو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

اڄ ته جوڙيون، مثالي دنيا،
اهڙي امر، جنهنڪي، ڪون فنا.

❊

ڪلر ڪيرڪي، موقعو ملي،
باقي ٻين کي، دوکو ملي.

❊

جنهن جي ذهن ۾، نانگ ڦري،
ان جي ويرڪان، ڪير بچي.

❊

دنيا آهي ورثو، اسانجو،
هي تحفو سمجهو، قدرت جو.

❊

اهڙو ڪم، ڪجي به ڇو،
جو سبب بنجي، شرم جو.

❊

ڪمال کي، زوال آ،
هر ڪامل، بيمثال آ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

رستي تي قبضا، درياهہ تي قبضا،
ڪيئن نه پڏندا، دورہ ويجها.

❊

تهذيب تمدن، جزا اخلاقي،
ٻولي وري آ، اصلي آفاقي.

❊

هر چيز ۾ جي، ملاوت هوندي،
زندگي زهر پوء، ڇو ڪونه ٿيندي.

❊

بندن جي مرمت، ٿي ڪونه ٿيندي،
پوء موڙي سموري، ٻوڏ ۾ پڏندي.

❊

ويڇا وڌندا، جهيڙا ٿيندا،
امن امان جا، بکرا ٿيندا.

❊

نيت تي ٻهرو، سوچ تي ٻهرو،
چوري ٿيندي، ڪيڏو به پهرو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

بک بدحالي، امن جي دشمن،
چوري ڪرڻ سان، بچي جي جيون.

هڪ ٻوري ڏيو، هڪڙي لڪايو.
پنهنجو درجو، ڪجهه ته وڌايو.

مجبوريءَ ۾، سڀ ڪجهه جائز،
چور امن تي، هجن جي فائز.

خوف خدا جو، جي نڪري ويو ٿو،
سارو ئي عالم، بگڙي وڃي ٿو.

جي بک بدحالي، ختم نه ٿيندي،
سوچ امن جي، اتم نه ٿيندي.

نيڪي پڻ پوءِ، نمائش جي،
جي گهڙي اچي، آزمائش جي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مان ٿڪر آهيان، سمونڊ سندو،
ها! جر ڇا، مون کي لوڏيندو.

❊

خاموشيءَ سان ڪيون ٿا خدمت،
قوم ساريءَ سان، بيحد الفت.

❊

جيڪي اسان سان، وير رکن،
سي ذهن پنهنجو، برباد ٿا ڪن.

❊

مينهن جيان ٿا، شعر وسن،
ذهن منهنجو، سيراب ٿا ڪن.

❊

کهڙا ڇڙا ٻڌندا، ڳوٺ الا،
سڀ سگهرا سڏبا ڳهوٺ الا.

❊

نه ڳلي ٿو ملي، نه ٻي وري ڏڪاري ٿو،
پريم پرين مونکي، ايئن دنياداري
سيکاري ٿو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

هر جوهري پرکي ٿو، جوهر کي،
نه پيلجي ظاهر تي، نه چمڪي تي.

❊

ها! اثر انديزي، ڳالهه وڏي آ،
شو شاهه جي هوندي، عمر ننڍي آ.

❊

صرف ڪپڙا پيلا، اندر پليت،
اها آهي، برن جي ريت.

❊

عمل پيلا ته، لڇڻ پيلا،
ورنه لوپي جهڙا ٻلا.

❊

ڇڏ هاڻي تون نڪرپيتر کي،
وٺ هاڻي تون، واٽ امر کي.

❊

هي پريم پارس جو، آ تاثير،
منهنجي ٻولي، شافي اڪسير.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

وقت ڪي پڻتي، چڙهندو ناهي،
وقت سان سانگڏ گڏ هلڻو آهي.

❊

گيسرم ويندو، وقت جي نڪري،
قوم جي ويندي، ترقي رڪجي.

❊

پنهنجا ڳوٺ ۽ شهروسايون،
همت سان ترقيءَ کي وڌايون.

❊

وقت آ دولت، ڪم آ عبادت،
ڪاميابيءَ جي، ضامن رياضت.

❊

ها! زندگي رڪٽي، روان دوان،
خطرو سدائين، رهيو اندران.

❊

ٻئي تي ٻارڙي، ويهڻ ڪان بهتر،
همت ئي ڪم، اچي ٿي اڪثر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

گهر جو ٻلو، جي ڪير وڃائي،
ان جو دارون، ڪهڙو آهي.

❊

وقت تي ڪنهن جي ٻوٽو نه ٻاريو.
اونده جو پوء، گهرو ٿيندو سايو

❊

دلاسي جهڙو، ڪو دشمن ناهي،
وڃبو پاڻ سان، سان پاڻ نباهي.

❊

وقت ڏکئي ڪي، منهن آهي ڏيڻو،
همت ڪي آهي، اڳواڻ ڪرڻو.

❊

پنهنجو وجود، بچائڻو آ،
عقل کي هٿيار، بنائڻو آ.

❊

دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا،
لالچ سندي انڌ ۾، پيلا نڪرنلها ٿيا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪو ڏاڙهي، سو ڏاڙي،
سمجهو انڪي مڏي ڪهاڙي.

❊

ڪيئن قيمتن تي، ضابطو،
آهي ڪنهنجو، فرض ڪو.

❊

بد نيتيءَ جي، ڪهڙي سزا،
زهر ذهن ۾، پريل سدا

❊

خوب ڪان خوب جي، رهي تلاش،
سڀ سپنا راهه ۾، ٿيا پاش پاش.

❊

حقيقت سدائين، حقيقت آ رهندي،
مٽائڻ سان ڪنهنجي، اصل ناهي مٽندي.

❊

خيالن ۾ ڪا پياري پري، خوشبوءِ وکيري،
دل جي دردن ڪي، لبڙن سان سهيڙي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جستجو، ارمان، خواهشون ۽ سمورا خواب،
سڀ وڪري ويا هوا ۾، اصل نه ڪم آيا اسباب.

❊

سچائي سٺائي ۽ نيڪي غريب
دنيا جي هلت ۽ چلت آ عجيب.

❊

سچ کي مڃائڻ لئ، کپن سال ٿا،
مڪارن جا جاري، رهن تال ٿا.

❊

سچائيءَ جو ساٿي، فقط هڪ الله،
مڪارن مليا هن، صديون سال ماهه

❊

دؤر عجيب، يا خلق عجيب،
ڄاڻي پاڻ تون، رب مجيب.

❊

شاطرن لاءِ، سٽيي ماني،
ماهرن لاءِ، اٽيي ماني.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

پريم نگر جي، پريت پلي،
ورتاء پلو ۽ ربت پلي.

❊

سڪ ساء پلو ۽ پريت سڻي،
خوشامدي آ، ڪريت ڪني.

❊

خوشين جي آ، سوچ رقيب،
هرڏاهي جو، ڏانو عجيب.

❊

خواب جو، چڪنا چور ٿيا،
سڀ دوست، اٺندا هلندا ويا.

❊

وهنوار سٺو، واپار سٺو،
هجڻ ڪپي، ڪاروبار سٺو.

❊

جو سچڻ هوسين، وه دغا نه ڪرسين،
جو جابر هوسين، وه وفا نه ڪرسين.

❊

پيارا سا، "پريم" هي نام،
سب سي محبت، ميرا ڪام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالڪ اها ٿا، پوک پچائن،
ساري عمر، پيا، مارو کائن.

❋

سالڪن جو، سدا انداز نرالو.
جنگ نه نفرت، نه هٿيار جو نالو.

❋

ها! هڪ دل ۾، ارمان هزارين،
ڪو ڪو پنهنجي، منزل ماڻين.

❋

پيار ٿا پوکن، پيار لڻن ٿا،
محبت واري واٽ هلن ٿا.

❋

تڪليف ڏيڻ آ، جن جو ڪم،
تن جو مطلب، ڪارڻ جنم.

❋

سور پور جفائون، زمانو پالي،
ڪير انهن سان، هردم جالي.

❋

جي ڪبا، دلين جا سودا
پيار ۾ ليڪا، ڪهڙا ڪبا.

شروعات به پاڻي، آخر به پاڻي،
پاڻيءَ جي ، عجب غضب ڪهاڻي.

تنهنجو منهنجو، منهنجو وري تنهنجو،
پو جهيڙو جهڳڙو، چالاءِ چو ڪبو.

”پريم“ ني جس سي ، پيار ڪيا،
نا وعده نه انجام يا اقرار ليا.

پريم ”ٽڪر آهي، ساگر جو،
پوءِ جر چا، جڙ کي لوڏيندو

پنهن جي منهن ، ميان مٺو ڪوڙ ڏنا.
هر ذاتي چمچا، ڏاڙي وانا ڪوڙ ٻڌا.

تعبير ڪان به، خواب سٺو آ،
پيار جو هر هڪ، باب سٺو آ.

جيئن آوارا ڪتو دربدر،
ﭘﻲ وڙي جو، گهر نه تر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

دنيا گول، پئي ڦيرائي گول،
قرب جو هاڻ، ڪوئي نه مول.

❋.

شاعري خيال بنڪي، آندي هي،
مينون پلڪان تي، سجاندي هي.

❋

روح کي ڪر، تون راضي،
وساري ڇڏ، سارو ماضي.

❋

ڪوئي هلي ٿو ڪنڊن مٿان
ڪوئي هلي ٿو گلن مٿان،
ارمان الاهي آهي اهو،
آدم ٿو لتڙي آدم هٿان.

❋

محبت مان، مزو وٺجي،
پيلا ڇو، نفرت ۾ ڪڙهجي.

❋

چئن ڏينهن جو، جيون،
ڳڻتين ۾ ڳري ڇو جيون.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪو ٻن ٻيڙين جو سوار،
سو ڪنهن جو، ناهي يار.

❊

جيڪو ڪپي سچي، ٿو وڃي،
سو ڪچي پيت، جيئن ڏهي.

❊

مطلب جو، جيڪو يار آ،
سو ڪنهن سان، نه وفادار آ.

❊

ڪنهن عضوي ۾، ناسور آ،
سو ساري جسم جو، سور آ.

جيڪو خراب آ ۽ خوار آ،
سو سماج لئه، صفا بيڪار آ.

❊

مان آهيان نه آهيان، جي وچ تي آهيان،
مان فاني هجڻ تي، پريشان ناهيان.

❊

جنهن سان ٻه، دلي پيار آ،
سو راحت سان، قرار آ.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر فڪر کان آجو، هجي ذهن،
پوءِ ننڊ نشو، جيئن الهڙ جوڀن.

هر حال ۾ رهڻو، راضي آ،
پنهنجي روح کي، سمجهو قاضي آ.

هجي غمن کان، آزاد جيون،
بس راضي رکڻو، من ذهن.

چڙواڳ قاتل کي، رسا وجهو،
مارن سان ويڙهن، چو ٽا ڏسو.

ديس جا جيڪي، وفادار،
سدا امر اهي، رهندا ڪردار.

ديس جا جيڪي، ويري،
سي ٿي ويندا، ڍيري.

گلستان هوندو، گل خار به هوندا،
دوستن سان گڏ، اغيار به هوندا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

وقت پنهنجو تُون پاسو ورائي،
تُو بيڪارن جو، نالو مٽائي.

❋

جيڪي ڦري وڃن ٿا، قسم ڪٽي،
تن جي زوال ۾ ناهي، دير گهڻي.

❋

هر حال ۾ راضي، رهڻو آ،
جڳ سان، نباهي وڃڻو آ.

❋

پاڻ پريم ۽ پاڻ پريمي،
دل درپن، جيئن آرڪٽي.

❋

تينون به لوڙهي، تي مينون به لوڙهي،
ڪيونڪه پيار، دو دلان دا جوڙهي.

❋

هڪ هٿ جي، نڪا تاڙي وڄندي،
ٻي دلي پئي، ڪندون پاسا ڪندي.

❋

زور جي ناهي، ميندي لڳندي،
آ باغي عورت، ڇا ڇا ڪندي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ڏاڍي جي ڏاڍائيءَ کي، ڪير روڪيندو،
غليظ سوچ فسطائيءَ کي، ڪير ٽوڪيندو.

❊

ظالم کي، اگر ڪو نه موٽ ڏيي،
جابر جي دل، وڌندي ويندي.

❊

غلط ماڻهوءَ جي، سوچ غلط،
هوندي هر هڪ، لوچ غلط.

❊

حال پڇڻ ناهي ڪوئي، ڏک ونڊڻ مان فائدو،
ساٿ سورن جو سدائين، ڪو پڇڻ مان فائدو.

❊

يارو وجهي ماڻهو، الامان،
انسان روپ ۾، وڏو شيطان.

❊

نڪمي سان، ڪو نڪاح ڪري،
پوءِ روز جيئي، ۽ روز مري.

❊

درياهه ويو، تر ٻوڙي،
مسڪين ٿو، ڏاڍو لوڙي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

دنيا وڏي ٿي، دلدل ڏي،
بدامنيءَ جي، منزل ڏي.

ڪير غلام آ، ڪير آ حاڪم،
غلام جي گهر ۾، ڏهاڙي ماتم.

ڪير غلام آ، ڪير آ حاڪم،
غلام جي گهر ۾، ڏهاڙي ماتم.

هتي ڪوڙين آهن، ارب پتي،
ڪي ڪرب پتي، ڪي پدم پتي.

پريم گدائي، دلين ڪي،
پريمي، نيڪ جذبن ڪي.

لوڀ لالچ، پئي ڪاهي،
شعور تنگيل، جڻ آهي.

هر هڪ کي، ايڏي جلدي آهي،
جڻ ته ڀڄاڙي، ويڄهي آهي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مال ڀريل آ، گودامن ۾،
پيو سڙيل آ، ڪمرن ۾.

❊

مطلب پرستي، وڏي وئي ايڏي،
ڪائنات خدا جي، آهي جيڏي.

❊

ذڪاري لڪائن مال، مهانگ جي ڪري،
لوڀيءَ جو پيٽ سائين، جيڪر خدا ڀري.

❊

زندگي فنائي، رهندو فقط ئي نالو،
ٻيوڙي انڌي جي، هوندو عقل کي تالو.

❊

ٻيوڙي جي زندگي، ڪيئن چئبي زندگي،
ڪنهن نه ڪم جي، ڏيکاءِ واري بندگي.

❊

مسڪين مار آهن، لوڀي وڏا واپاري،
مهانگ لاءِ ميڙن، مارن کي ڏک ڪاپاري.

❊

ناجائز منافعو آهي، وياج جي برابر،
لوڀي ڦورو ۽ رهزن، سمجهو اهي سراسر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

وڏا ڏڪاري، وڏا ڦهاري، وڏا ڪوڙا واپاري،
پيسي خاطر، پاڻ خريدن، پنهنجي لاءِ خواري.

مولا منهنجي وطن جي، پارت ٿئي،
ڏاڍي بري جنهن جي، حالت ٿئي.

شهر ٻڏي ويا، مال ٻڏي ويو،
لوڀين جو مان، ايمان لڏي ويو.

آءِ ڊي ڪارڊ، ايڏو ضروري،
ڪائڻ پيئڻ آ، جيڏو ضروري.

گهر ڪي پنهن جو، گهر سمجهو،
پاڻ کي مرد، سگهارو نر سمجهو.

ساري ڪشمڪش ۾، آهي دنيا،
سو عجب تماشا، ڏسجن ٿا.

سڪي جو پيو، ملهه ڪري،
ايمان جي وئي، مت مري.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جن جن پاليا، نانگ هئا،

تن جي زهرسان، مري ويا.

❁

ماڻهو ڪائي، ماڻهوءَ جو ماس،

ڇا جو شرم ۽ ڇاجو قياس.

❁

ماڻهوءَ جو، ٿيو ويري،

ٿيا رشتا ناتا، سمورا ڍيري.

❁

سونهن اسان جي ڪمزوري،

پيار اسان جي ڪمزوري،

دنياداريءَ مان ڇا ڇاڻون،

گهرٻار، اسان جي ڪمزوري.

❁

حق ماري ڇون، نصيب اهڙا ٿئي،

ڏنيي ڏئي ٻچن، ڇو خواب ٽٽا ٿئي.

❁

نانگ ۽ نور جو، ازلي جهيڙو،

ختم نه ٿيندو، اهو ٻکيڙو.

❁

ها! سمجهه نظر جو، ڦير آ،

سوچو سڄڻ اسانجو ڪير آ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

سڀ خيالي پلاء، ڪارائن ٿا،
پر ٻڪ نه، ڪنهنجي لاهن ٿا.

لفاظي دوست، گهٽائي آهن،
هو نٿا مگر، منزل تي پڄائن.

گهر ڪي پنهن جو، گهر سمجهو،
پاڻ ڪي مرد، سگهارو نر سمجهو.

لوچ پنهنجي ۽ سور پنهنجو،
هر هڪ ڪي آ، پور پنهنجو.

گلن جي گسن تي، هلي پيار ماڻيو،
چو ڪنڊن تي هلي ٿا، جهنم ڏي تاڻيو.

رڳو ساڙ ۽ حسد جو تجربو ٿيو،
مون جنهن به دوست کي، ويجهو وڃي ڏٺو.

گلستان سنڌ جا، سڀئي آهيون گل،
دغائي ڀيائيءَ جي، ڪرين ڇو ٿو ڀل.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مالڪ ته گهڻو ئي ٿو، ڀلائي اسان جي چاهي،
پر شرط آهي لازم ، جي نيت نيڪ آهي.

❋

لوچڻ سان آهي، سڀ ڪجهه ملندو
ورنه ته شينهن به، بک آهي مرندو.

❋

جاکوڙ آ ڪريٖ، هٿ پير آ هڻٿو،
همت ۽ عقل سان، اڳتي آ وڌٿو.

❋

جيڪو پاڻ نه پنهنجي، ڀلائي چاهي،
ان ۾ دوش ٻئي جو، ڪهڙو آهي.

❋

محنت مشقت، منزل آسان،
ورنه بک ۽ ڏک، ٿيون نادان.

❋

سستي شهرت، تڪڙي ناڪامي،
سولي ته ناهي، اوچي آسامي.

❋

وقت وجي ٿو، ابتي رخ ۾،
سدا رهيو، ڏاڍي جي پک ۾.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسڪين مارن جو، شام و سحر تڪليف ۾ آ.
اڄ ٻڪ تي هر ويلو پهر، تڪليف ۾ آ.

مولا ڪر ڪا واهر، تر تڪليف ۾ آ،
سنڌ جو هر هڪ ڳوٺ، شهر تڪليف ۾ آ.

ٻڌي ٻنيءِ جا، پيٽا ٽيندا،
مالوندن جا، ٽيٽا ٽيندا.

سختيءِ سواءِ چرخو، چلي ئي نٿو،
وينتيءِ سان ڪوئي، مڃي ئي نٿو.

اکين هوندي، جيڪو انڌو،
اهڙو نه هوندو، ڪوئي گندو.

نيت نيڪ، مراد حاصل،
رب رحيم، الله واصل.

ڇڏ شراب کي ۽ شباب کي،
رک ياد، واحد وهاب کي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

دل ۾ هجن، سهڻا گل ڦُلَ،
خوشبو خوشبو جڳ حاصل.

فقيري پنهنجو، ورثو آ،
اميري پنهنجو، شيوو آ.

نيڪ عمل سان ٿيندي خوشبو خوشبو،
بدڪردار سان ڦهلي، بدبو بدبو.

جو بد زبان، بدڪار وڏو،
هوندو سو، ڪردار جڏو.

جذبن ۾، چڻ جادو آهي،
لفظن ۾، چڻ جادو آهي.

عملن جي، جيڪا موڙي آهي،
اهڙي نه ٻي ڪا، دستي آهي.

ڪڏنهن شوخي، ڪڏنهن نرمي، اهو دستور دنيا جو.
جيڪو ڄاڻو، اهو مرندو، هن فلسفي ڪي سمجهي ڪو.

جو اڇي ٿي، وه چلي گئي،
جو بري ٿي، وه گلي پڙي.

❊

ياد ٿي هن جي، اچي اچي،
دل بيخود ٿي پئي نچي نچي.
جيئن ٿو وساريان، ياد وڌي ٿي،
جيئن ڪو ڌپڻ ۾، گچي گچي.

❊

ابو امان پيو روپ آ، ڀڳوان جو،
بيغرض! ڪامل سچي انسان جو.

❊

ڪنهن جي پگهر ۾، خوشبو،
ڪنهن جو عطرپڻ عذاب،
ها خدمت سواءِ آدمي،
اصل ٿيندو ڪونه جناب.

❊

چنڊ ستارن کان وڌ سهڻو آ انسان،
عمل عقل سان بڻجي، مڙس مهان.

❊

خدمت آهي، وڏي عبادت،
جي شامل ان سان محبت.

عمل وڏو، يا عقل وڏو،
ٻي عمل عقل سڏبو جڏو.

❊

ڪيئن ڏسڻ سواءِ، ٿيندو پيار،
انڌي آرسيءَ اڳيان جيئن سينگار.

❊

ها! اندر هوندو، جن جو اڏ،
تن جي هوندي، ڪوڙي سڏ.

❊

نه گيان آ، نه ڌيان آ،
سارو وقت جو زبان آ.

❊

هر ڪو ٻچائي، پنهنجي لاءِ،
اوبر سوبر، سڄڻ جي لاءِ.

❊

ها! ڏوري سارو، ڏيهه ڏنوسي،
ڏوهه ڏوهه ڪي، خوب پرکيوسي.

❊

الامان الامان ! دل ٿي پڪاري،
چو؟ بيوڙا، بيدرد ٿي ساري.

حياءُ شرم جي نڪري وڃي ٿو،
نيڪ عمل سڀ، وسري وڃي ٿو.

❋

سمجهو اونداهي آهي، جيڏي گهري،
نويد صبح جي، اوڏي ويجهي.

❋

نيڪيءَ جو، ڪيڏو مٺو آڦل،
اهوئي سمجهي، جنهن کي عقل.

❋

ها! دنيا آهي، دورنگي،
رات اونداهي چورنگي.

❋

ڪٿي ڪمي، ڏاتارن جي،
ڪٿي وري، ونڻ وارن جي.

❋

دنيا سي، جو دل لڳائي،
وهه هميشه، منه کي کهائي.

❋

مونکي جتان، ڏڪار ملي،
تن جي هر ڪا، ڪاروئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي ساري سرشتي، سبتي آهي،
بس سوچ ماڻهن جي ابتي آهي.

❁

ٿي پوئين چولي، موتي آٿي،
فن کي ڪو، سالڪ ئي سڃاڻي.

❁

هراڪر اکر ڪان، ٿيو بيزار،
منفي ٿيو جو، سوچ ويچار.

❁

ڪير نه ڪٽندو، ڪنهنجو بار،
هرڪو مطلب جو، هت يار.

❁

شعور جي، جو کوٽ آهي،
تو دشمن، ڪتي وانگي باهي.

❁

هر سوچ جو، بيمار آ،
ٿيو الٽو، سڀ وهنوار آ.

❁

گهٽائي پيسي پئي، گهاٽي ۾،
جو لوڪ ستل آ، ٽڪاڻي ۾.

جيڪو خراب آ، ۽ خوار آ،
سو سيڻي جو مٽ، ۽ يار آ.

❋

هر مهڪ جي، هوندو چڙواڳ،
تن کي ملندو، کهڙو ماڳ.

❋

هر دؤر دؤر جو، فرق آ،
سزا ڏوهي ۽ جو، مرڪ آ.

❋

بگهڙ ڪندو آ، تڏهين حملو،
شڪار جي هوندو، ئي عملو.

❋

اگر نقص نڪالوگي، کهاڻي مين،
تو بوکهي رهوگي، انجاني مين.

❋

هي جڳ آهي سکڻ جو، سدائين پيا سکو،
نٿو جي ڪجهه اچي ته، ٻين کان پڇو.

❋

گهڻن جا گهڻن تي ئي، احسان هوندا،
ڏسي منهن کي ڦيرن، سي انسان هوندا؟

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

شرافت ڪان ڪوئي، ڏجي ٿي نٿو،
محبت کي ڪوئي، ميچي ٿي نٿو.

❊

صرف انجو نالو، حياتي ته ناهي،
هوس وٽ وٽان ۾، جو جيون وڃائي.

❊

صبر ۽ شڪر جهڙي، نعمت نه ڪائي،
محبت ۽ راحت، ٻي فرحت نه ڪائي.

❊

تمنا گلن جي ، ڪندا ويٺا پوڪن،
سي تمنا جي، رڻ ۾، رلي ٿا مرن.

❊

دل جا نرم ۽، سچا جيڪي عاشق،
نه گرمي نه سردي، نه موسم ڪا موافق.

❊

جيسين نه ويندي، لالچ لوڀ،
نيڪيءَ کي ناهي، ملڻي سوڀ.

❊

عياشي غلامي، آهي نفس جي،
کهڙي حياتي ، آهي قفس جي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيون هجي صفا مثالي،
جهڙو عملن، تهڙو مالي.

خودداري آهي، عملن سان،
ورنه ماضي، فڪرن سان.

نيڪ عمل جو، نيڪي ڦل،
جيون جو، هر پل اجهل.

اڄ جو ماڻهو، ڏاند چاڪيءَ جو،
گهاڻي ۾ ڇڻ، گول ڦري ٿو.

گهر ته گهرانءِ، سهڻو اصول،
مطلبي ياري، صفا فضول.

موت نه ماري، امله ماڻهو،
ساري دنيا، ان رازجي ڄاڻو.

مطلب خاطر، جيڪو جيئي ٿو،
سو روز جيئي ٿو، روز مري ٿو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

محبت مٿل دل ، وري ٿي جيئاري،
محبت جيئڻ جو، طريقو سيکاري.

تن من منهنجا، ٻئي خوبصورت،
ڇو ته عملن فعلن، آهيان نيڪ سيرت

محبت جو هر مامرو، آ الستي،
نفرت نراسائي ۽ آهي پستي.

اسان پيار ڪيون ٿا، تصور سان،
ڌرتيءَ سج جي، محور جان.

اسان صوفي، سڀ سان محبت،
رکون نه دل ۾ ،ڪائي ڪلفت.

حق حقيقت هيڪڙي، ناهي ٻيائي،
ٻيائي رکن سي ئي، جن من ۾ مدائي.

ساڄن ۾ پئي، ٻيائي،
جنهن وڃائي، پاڻپي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪو مجي ٿو، وات وڪيل،
ان کي گهرجي، کهڙو دليل

❊

پريم نه هو تو دنيا کيسي،
بن مان کی، بيٽی جيسی.

❊

"پريم" کو، وهی بهلا پائيگا،
جو جيتي جي مرني کا گر جانيگا.

❊

جيڪي لوهه ڪٽن لوهار، تن کي کهڙو قدر سون جو،
جيڪي پليا ڪوئلن کاڻ ۾، تن کي کهڙو قدر سونهن جو.

❊

هيءَ ساڙ سڙي دنيا، جيئڻ ئي ڪٿي ٿي ڏي،
ٿورو جي اڳتي وڌو، ڊوڙي ٿي اگ وٺي.

❊

پراڻا قصا سيني ٻڌايا، اوهين چئو ڪجهه اور،
واندن گهٽو ئي بور ڪيو آ، تسين گل ڪرو ڪوئی هور.

❊

سرتي سٽي ٿا، سرتي سٽيون،
ڪنهن کي ويهي ، ٻانهون ٻڌون.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

هائي جوڀن، ساننوڻ جو مينهن،
چئن ڏينهن جو، هر ڪو نينهن.

مين تيڪون "پريم" دي، ست امبر وکهاسان،
ول ول تيڪون پيار دي، ساري غزل پڙهاسان.

ميرا خط بهي کهلا، تي ميرا پيار بهي کهلا،
جانم سڻ، ڪيونڪه! مين دل دا نهين برا.

ڪوڙيءَ ڪي ٿي، آهي گهمري،
چڻ منگتو ويٺو، ڳائي ٺمري.

اورون کی خوشی کي خاطر مين ني نيند گنوائی،
بهت کچهه کهويا ليکن، دل کی خوشی تو پائی.

سڀ چمچا واٺا، بلي بلي،
پيو جڳ ٿو، جن تي ڪلي ڪلي.

ست رنگ ست زمينون ست امبر ست ساگر،
قدرت ڇا ڇا خلقيو، اسان اڃان اگر مگر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ٻولي هجي هڪڙي، سنڌ ٻولين جي ماءُ،
ساري دنيا ان جو ڪري، دل سان آدرڀاءُ

❋

سدا ٻاجهاري اسان، ٻولي ٻوليون،
ڪٽ پٽ ڪٽ پٽ ڪونه ٿا سمجهون.

❋

جيئن دنيا جو نقشو، گول گول،
ايئن محبوب جو چهرو، گول مٺول.

❋

خود بيتيءَ ڪان، جڳ بيتي ٿا گهڻي لکون،
دنيا ساريءَ ڪي جاچي پرکي، شعر رچئون.

❋

هڪ ٻئي جي، بريڪ ٿا فيل ڪرن،
ڪٿي اونهيءَ کاهيءَ، ڪري نه پون.

❋

ڳالهين سان ٿا، دل وندرايون،
ٻئي ڪم ڪهڙي، قابل آهيون.

❋

ڳالهين ۾ ڪو، شرط رکي،
مجال آ ڪو، ڪٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ڳالهير آهيون، ڳالهير رهبو،
دشمن ڪي ڪيئن، وٺ ڏبو.

❊

سڀ مال کائي ويا، ملاڙا،
ڪي اڳ واڻا، ڪي پڇواڙا.

❊

ڳالهين مان ڪا، هڙ نه حاصل،
ٿي قدرتي ڪيڏي، آفت نازل.

❊

هڪ الله، هڪ رسول،
ٻيو سارو بحث فضول.

❊

ڪوڙو ڪرو نه ٿئي، توڙي پيئي خون جگر،
وقت اچڻ تي سؤ بهانا، ڪندو روزانو نئون مڪر.

❊

جو وهندو سو لهندو، ٻيو لهندو ڪير،
سدا رهندو نا مراد، جنهنجي من ۾ مير.

❊

اهل دل سي ڪبهي نه تم، دنگا ڪرنا،
اهل دل سي بڙهه ڪر، تم دعائين لينا.

هيءَ بدبوءِ ۾ ٻڪيڙو،
کهڙي بازڪيو آڪيرو.

❊

گلشن ۾، پهتا شڪاري،
ڏنا لاش، هڏا پيو ماري.

❊

تنهن جي دل ۾، لهي وئي،
مون کي، محنت ملي وئي.

❊

هيرو جي پويان سڀ زيرو ٿا چنبڙي پون،
ڪيني ۾ ورتل ماڻهو، ٿا رستا روڪ ڪرن.

❊

سمجهه ٻهوج کي، بني انجان،
اس سي بچائين، ڪيسي جان.

❊

ڪسي بي رحم ظالم ني، اتنا ستايا،
مين ساري خوشيان وهان ڀول آيا.

❊

ڪيسين هلندو، ڪوڙتي ڪم،
نيٺ ٿيندو، ڪوڙو پرم ختم.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

بيدرد ني، درد دل اتنا بڑهايا،

پيار کی راحت کو الوداع که آيا.

❊

باربار کی بيوسی، ديکهه کي رويا،

بيحس کی بيحسی، ديکهه کي رويا.

❊

ظالم بهی انسان هي، دل مانتا نهين،

وحشی کا جنون ديکه کر، آب رکتا نهين.

❊

کتني هين بري لوگ، اندازه هي مشکل،

اکسوين صدي مين، جاتا نهين جهل.

❊

لکين آزانون، ڪوڙين واعظ ٻڌاسي،

ڪردار جا غازي، ٿي نه سگهياسي.

❊

عشق جو، اسرار چاهي،

پٿر دل کي، خبرئي ناهي.

❊

ستون عجوبو، منهنجو شهر،

لڳي چنڊ سمورو، سارو تر.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

سچو پيار، بس خواب آ،
مطلبي زماني ۾، وڏو عذاب آ.

❊

"سنو سب ڪي، ڪرو من ڪي،"
ڇوڙو عادت، جھوٽ بولن ڪي.

❊

ڪفايت شعاري به آخر ڪيتري ٿي سگھندي،
هيءَ مهانگائي، اسان ڪان جان ڪسيندي.

❊

پيسي خاطر، چاچا ڪن ٿا،
ايمان به پنهنجو داءِ رکن ٿا.

❊

اندر ڪي، آواز سنو،
اسڪي هي پهچان بنو

❊

جنهنجو پيسو، دين ايمان،
اهڙو نه ٿيندو، پيو پيمان.

❊

ايڏي ته راس اچي وئي هاڻي تنهائي،
ڪونه ٿي جهوري مونکي، جانم جي جدائي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

جيڪي مون گلدستا ٺاهيا،
سڀ جا سڀ ڏِي سڪي ويا،
ڇوته اڇڻ وارا، ڪونه آيا،
۽ وٺڻ وارن، ڪونه ورتا.

❊

بلي ڪيا جاني، نمڪ ڪا سواد،
شريف ڪيا جاني، ڪلفت فساد.

❊

ڌن ڍمڻ، دستور دنيا جو،
اوکو آهي، منشور دنيا جو.

❊

تيري آڳي، زهره قمر ڪو ڪيا ڪهنا،
آواره بادل، يا سياه گهٽا ڪهنا.

❊

ماڻهو شخصيت نه، حيثيت جو ٿا پڇن،
اصل نقل ڪي ڇڏي، رنگ گورو ٿا ڏسن.

❊

حسن جواني تنهنجي، والله لاجواب،
چاپچندا، چنڊ ستارا ڳاڙها گلاب.

❊

تڪڙ جا تيرنهن، صبر جا سورنهن،
تڪڙ وارن جي ديري تان اڏامن دونهان.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

اجايون تهمتون آهن، الزام اجايا آهن،
بدنام زمانا ماڻهو، ٺاهه ٺڳيءَ جا ٺاهن.

❊

اڌارڪي پوي، شل مار،
جنهن ڦٽايا، چار يار.

❊

گل ته آهن نازڪ، خار نه ڪنهن جا يار،
بدنام نه ٿئي عاشق، ظالم سدا هجي خوار.

❊

ٻلي ڪيا ڄاڻي، نمڪ ڪا سواد،
پريمي ڪيا ڄاڻي، دنگا فساد.

❊

اک گل تي سڻ !، او بيقدرا،
ڪيا نهين سکيا، رحم تي حيا.

❊

خاندان اوچا، دليون سچيون،
ڪائڻ سدائين، ٽڪاٽا پنيون.

❊

دهشت وحشت، خون سڪايو،
بيدردن کي، ڪو رحم نه آيو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ها ! رساما رت سڪائن ٿا،
سڪون ۽ چين ڦٽائن ٿا.

❊

مولا تنهنجي مدد درڪار،
ڏاڍي ڏکي آهي، هرڪار.

❊

معصوم دل جو، ماڻهو جيڪو،
انکي ڏئي ٿو ، دوکو هرڪو.

❊

جيڪو به آهي مستحق،
انکي پهچي، پنهنجو حق.

❊

سڀ چئن ڏينهن جو، چڱڪو يار،
سوچين صدين جا ٿو، سور ويچار.

❊

جوانن جو زور، فقط آهي ڊاڙتي،
کهڙو چئبو گهر، جيڪو آ مسواڙتي.

❊

آس اميد ، چڱائيءَ جي؟،
ملندئي موٽ، برائيءَ جي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

سچ محبت زنده باد،
ڪوڙ ڪلفت مرده باد.

❁

اٺو اجهو لٿو ۽ رسمون ضروري،
ٿوري پگهار مان، ڪيئن پوي پوري.

❁

ڪاسائي، واري، ڪار هلي ٿي،
ها ! مهنگائي جي مار هلي ٿي.

❁

لالچ لوڀ، هوس ۽ هول
سٺائي جو، بستر گول.

❁

ٻيوڙن سان وڙ ڪرڻ، چڱن جو ڪم،
دنيا ٻنجي سرڳ پوي، جي چاهي آدم.

❁

تنهائي، ٻيائي، بيوفائي، جدائي،
انهن خوشين جي جان جلائي.

❁

الله ڏئي ٿو، الله وڏائي نه سهي،
بدبخت ! پنهنجي پاڳ ٿي پٽي ڏئي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

الله ڏئي تو، الله وڏائي نه سهي،
بدبخت! پنهنجي ڀاڳ کي ٿي پٽي ڏئي.

❊

پيار جو فلسفو، نٿو سمجهي،
زندگيءَ جو قصو، نٿو سمجهي.
نفرت ڪان جڏنهن، ڪري نفرت،
کهڙي چيني آجو، نٿو سمجهي.

❊

نڪاهاج پوي، نه ٿي ڪاڻ ڪيجي،
الله ڪري، ائين سارو وقت ڪٽجي.

❊

عشق مشڪ آ، لڪائي نه لڪندو،
هلت چلت مان، ظاهر ٿي پوندو.

❊

جيڪي ڪن ٿا، گهوڙا گهوڙا،
سي ئي سدائين، هڻن ٿا روڙا.

❊

جيڏا اٺ هوندا، تيڏا لوڏا ايندا،
پر اوڏو ئي اٺ، ڪائن گهٽو ٿا.

❊

ارمان هزارين، سيئي اڻ پورا،
ٿا ائين گذارن، مارو سنڌ وارا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

آڻ آڻ ۽ ڇڪتاڻ، ٻئي جو وڏي ويا،
چين سڪون ٻئي تڏنهن، ٿي ويا هوا

❊

گڏي گڏيءَ جو، کيل نه دنيا،
هتي نوان نوان، ڏسجن ٿا تماشا.

❊

ڪي پينگوڙا، ڪي چرسي ٿا گڏجن،
رستي ويندي ڪجهه، ٻول ٿا ٻڌجن.

❊

ارمان جڏنهن ٿا، لڙهي وڃن،
اشڪ اکين مان، لڙي پون.

❊

نه محبت، نه محبت جو سايو ڏنوسي،
اسان زندگيءَ کي، اپاڳو سمجهوسي

❊

پاڳن وارا، جيڪي هوندا،
ڏکا تن جا، ڇيلا ٿيندا.

❊

هونديون اکيون، جن الماس،
تن جو هوندو، نشانو خاص.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

وقت جي وير، جذبن ڪي لوڙهيو،
ڪيترين دلين ڪي، وچ سير ٻوڙيو.

❁

اهي دليون، معراج ٿيون ماڻن،
جيڪي حق ڪي، حق ڪري ڄاڻن.

❁

ڪليل سڀ ، دل جا دروازا،
ڇو ٿو ٻچائين، نياپا سنيها.

❁

اهي دليون، معراج ٿيون ماڻن،
جيڪي حق ڪي، حق ڪري ڄاڻن.

❁

خير ۾ اگر ڪو ، خوش ناهي،
ٿو ان سان، ان جهڙو ٽڪرائي.

❁

ٻن ڏينهن جو ڏيکاءُ، ٽرڙو عشق،
ان ڪان پوءِ پڙهه، سورت ڪسڪ.

❁

عجيب اسان جا، خواب آهن،
پرپور غمن سان، باب آهن.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

خواب ڏسون، اوقات کان وڌ،
خواب ٽٽڻ تي، وڏي ٿي ٽڌ.

❊

جيئڻ تي ڪٽي رات، جيئڻ ته وڦي ڏينهن،
سدا نڪورو، مکڙي ڪومل، اڇو اجرو نيهن.

❊

"پريم" جنهنجو به پنهنجو آ،
انجو هر ڪم، سولو سهنجو آ.

❊

ڪالهه ويو جو، گذري وقت،
ها! ورڻو ناهي، ساڳيو بخت.

❊

تارن کان اڳتي، جهان هوندو،
ڪهڙي ڪم جو، مڪان هوندو.

❊

ڪري ڪري ٺهي وڃي، ٺهي ٺهي ڪري پوي،

اهڙي بني بشر کي، مت ڪڏنهن ڪونه اچي.

❊

جيڪو ٻڌي نه سمجهي، سمجهي اٿڌو ڪري،
اهڙي شخص کي، رب پاڪ ته سڌو ڪري.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مزو محبتن جي، ميلي ۾،
سونهن ساٿ جي، جهميلي ۾.

مزي بنان آ، جيئڻ ڪھڙو،
مفت سزا ۾، ڪٽڻ جهڙو.

نه لالچ آ، نه دوکو آ،
پيار اسان جو، سوکو آ

سنسار سهڻو آهي، فقط سونهن سان،
قائم لطف مزو آ، ساز ورونهن سان.

هاء ! ساڙولا ساڙ ۾ مرندا،
مٽي منهن ۾ وجهندا ويندا.
تان جو سارا مٽي ٿيندا،
پر نه ذرو عادت کان هٽندا.

مان سالڪ آهيان، رب ٿو ڄاڻي،
باقي ته دنيا، نٽي سجاڻي.

سڙ لندا، ساڙ ۾،
فطرت، اکين ڦاڙ ۾.

صوفين سان آ، تنهنجو وير،
تخم غير جو، ٿيندو غير.

❋

تيڏي ڪول، جو ٻهي ٻهي،
سو ٻهي، ڪتي وانگي ٻهي.

❋

نه رام جو ،نه رحيم جو،
سو پڪ آ پٽ، حريم جو.

❋

لنڊا ٻٽا، جنهن سان ساڻ،
سو ٻي نسلو، پٽو پاڻ.

❋

محنت سان مشقت سان، محبت سان،
چٽنگ بناء الاء، پائو قربت سان.

❋

جيڪو به آهي نا اهل،
نيڪالي انجو، آهي حل.

❋

سب جان ليا، پهچان ليا،
دوکها کها ڪي، سب جان گيا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

هم پريم نگر ڪي، باسي هين،
ڪبهي راجا هين، ڪبهي داسي هين.

❊

خواب ٽٽڻ ٿي، دل ٽٽي ٿي،
جوڙڻ سان ٻي، ڪونه جڙي ٿي.

❊

حسين پرين پويان، لڪل جهور آنٽيون،
هر روز نوان ڪيل، ڪيڏن ٿيون پيون.

❊

تيري بکهري بکهري بال، چغلي کهاتي هين،
تيري آستاني پي، شکاري لوگ آتي هين.

❊

ڪيا نهين ڪيا، ڪيا نهين ديکها،
پهر بهي اب تک نهين، منزل کو پهنچا.

❊

ذهن ڊوڙائي ڊوڙائي، آخر ٿڪجي پوان ٿو،
جڳ ۾ محسن ماڻهو، ڳولي ڪونه سگهان ٿو.

❊

ڪيون دنيا بهت هي، آگي آگي؟
هم بهت هين، پيڇهي پيڇهي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ايک دوسري کا، هم راسته هين روکي،
ورنه هم کهين سي، کهين پنهنچي هوتي.

❊

اگر هي محبت، تو تکرار کيسا،
جو هر دم ستائي، وفادار کيسا.

❊

جس ني هم سي، پيار کيا،
تقاضا جيسي، بيوپار کيا.

❊

بهٽکتی روح کی طرح، بهٽکنا پڙتا هي،
تب جا کر کوئی، اچها شعر بنتا هي.

❊

جستجو سچی نه هو تو، شعر بنتا هی نهين،
آگهی اور بصيرت کي سوا، سنورتا نهين.

❊

وڊيو سيکس کا، انٿيان کاروبار کرتی هين،ورنه بچاری بيوا هين ، بوکهه مرتی هين.

❊

جنس پويان دنيا، مجذوب ٿي وئي،
ان طرح ختم ساري، تهذيب ٿي وئي.

جيڪو رام جو نه رحيم جو،
سو پٽ آ پڪ، حريم جو.

❋

بي ضمير کي آئي آگُر، اڏامڻ لڳو،
ٽورو اڏامي هيٺ، ٺڪو ڪري ڪريو.

❋

شيشي جي گهر ۾ ويهي، اهي ڪر مستيون،
ڍاهي نه وجهن توکي، گڏهن واريون اٿون.

❋

بي نسلي جي دل ۾ غير،
محسنن سان، جنهنجو وير.

❋

دل لڳي نه رهي، شاعري کهڙي،
مرده دل هجي، زندگي کهڙي.

❋

ڪڏڙو هوندو ڪڏڙي جو يار،
هڪڙو ڀاڙي ته ٻيو غدار.

❋

ترقي پسند سوچ جو، ڀانڊو ڪلي پيو،
جڏنهن ڪنهن مروان، نالو ڪٽي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

محفل ڪي فتائڻ، جنھنجو ڪم،
ناھي آدم زاد، نہ ڀلي ذات آدم.

❊

بي ضمير جو پٽڪو لٿو، ڳچيءَ پيو،
چوي چاٽيو، ھيٺ تہ ڪونہ ڪريو.

❊

وہ سالا! درگت ايسي بناتا ھي،
جيسي ڪي بيٽا، حجام ڪا ھي.

❊

حساس ماڻھو، ڪنول ڪان ڪچڙو،
ستائي ظالم، شيطان جو ٻچڙو.

❊

جس ني رلايا، وہ روئين گي،
منہ نا ڪسی ڪو، دکھا پائين گي.

❊

بيدل ھو، بد دل ھو، بز دل ھو،
ڪيا ڪھون ظالم جاھل پاگل ھو.

❊

جھالت ڪي، ڀي بري آثار،
لڙني ڪو دوڙي، وہ ھروار.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

شاعري موتي، ٻچن وانگي،
جان تي اوڏيل، لٽن وانگي.

❊

لفظن سان جي، ڪونه مئو،
انڪي بدبو ڏيئي، مئو سمجهو.

❊

اڳرائي ڪري، منهن پر ڪري،
ڪتي وارو، شل موت مري.

❊

ميرا دل، سدا جوان،
دلنشين ڪا، بنا آستان.

❊

منهنجي گهرائيءَ کي سمجهي سگهين،
چڙ ٿو ساگر مان، موتي آڻين.

❊

جيڪي اسان کي ڏک ڏيندا،
ڪنيجي ويندا، ٽنگجي ويندا.

❊

سڙ سارو لا، ساڙيم،
ٻنيءَ سندي پاڙيم.

جي ٻي نسلو هجي يار،
پيو دشمن، ٿي نه ڏار.

❊

پنڻ جي به عادت، جنهن کي پئي آ،
دنيا جي جهلڻ سان، اصل ڪونه وئي آ.

❊

نڪا هاج پوي، نه ٿي ڪاڻ ڪيجي،
الله ڪري، ائين سارو وقت ڪٽجي.

❊

عشق مشڪ آ، لڪائي نه لڪندو،
هلت چلت مان، ظاهر ٿي پوندو.

❊

جن جون هونديون اکيون الماس،
سي پيار جيتن ۽ خوشي وشواس.

❊

جيڪي ڪن ٿا، گهوڙا گهوڙا،
سي ٿي سدائين، هٽن ٿا روڙا.

❊

پيار ۾ ٿي، ساري عمر گذارجي،
پاڻ پٽو ۽ غيبت، صفا وسارجي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

پيار ۾ ئي، ساري عمر گذارجي،
پاڻ پٺو گلا غيبت، صفا وسارجي.

❊

پيار سان ئي، راحت آ،
چاهه چڱائي، چاهت آ.

❊

جيڪو ڪائي به ۽ وڙهي به.
اهڙو پڪ ڦاهيءَ، چڙهي به.

❊

غلام سمجهي، پاڻ کي راجا،
وڃي ويندا ان جا، بينڊ باجا.

❊

وت ڪان وڏ جي، سپنا لهبا،
تن جا تعبير اهڙا ئي ٿيندا.

❊

چوچڙي چورڻ وارا، پاڻ ئي سڙي مرندا،
شيطان جيان لعنتي، سدائين پيا سڏبا.

❊

وعده وفا نه ٿيا، اعمال ڪونه سڌريا،
نادان جيڪي پاڻ کي، آقا سمجهن ٿا.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

سب سهاري ڇهوڙگئي، ايڪ سهارا ساٿه رها،
اس سهاري ني مجهي، ڪبهي نهين مايوس ڪيا.

❊

تو سگهين جنهن شئي لئي، سا ملي اسان کي مٽين،
ڳول وڃي شڪارين جا گهر، جي توکي ڪٽين.

❊

جيڪو ڪري ٿو، سو لوڙي ٿو،
پرسڌڙ جي مت، ڏاري نٿو.

❊

هر لفظ لفظ کي، پرکجاڻ،
پوءِ پلي لبن کي، کولجاڻ.

❊

پيٽ سان نه ڳالهايون ٿا، ڪنهن سان ته ڳالهايو ٿا،
پرراز نياز جون ڳالهيون، سڀ کي نه ٻڌايون ٿا.

❊

اسان نه شڪاري، نه پسند ڪيون شڪار،
ڪسڪي وڃ هٽڙان، جي ڪپي توکي ترڙو پيار.

❊

حرام حرام آ، چا رشوت حلال آ،
ڪوڙ ڳالهائڻ تي، توکي ذرو ملال آ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

زهر کائبو، مربو ڪونه،
مرڻو آهي، رهبو ڪونه.

جي محبتون آهن، ته نظر اچڻ کپن،
من ۽ ذهن کي، محسوس پڻ ٿين.

ڪوڙو ماڻهو، بي پاڙو آ،
جنهن گهر تر، نڪو پاڙو آ.

دلالن جي فون تي، بنا ڪاغذ ڪم،
واهه ڙي پٽ سهڻا، بشني بني آدم.

بي قياس، بي شناس، اڻاسا ماڻهو،
راهه جا روڙا هوندا، سي نياڳا ماڻهو

اسان جي ڪريل هون، پيو چوڪڻي.
اسان جي پيٽ ۾، اڳتي ڪيئن وڌي.

جيڏا اڻ تيڏا لوڏا، ڪجائي تي چڙهڻ به ڏکيو ته چڙهي لهڻ به ڏکيو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

سيني جو پريم سان جهيڙو،
سدا مُتل، شيطان جو ميڙو.

❊

منهن جي روح ۾ ، چٽنگ نوراني، هي
نشان حقاني، رب جي نشاني.

❊

دلال پيا ٿا، ملڪ کي پيلن،
ڏسندڙ ڏسندا ، رهجي وڃن.

❊

جيڪي ٻڌن ٿا، سي سمجهن نٿا،
جيڪي سمجهن ٿا، سي ڍنگ ڪن ٿا.

❊

منهن جي روح ۾ ، چٽنگ نوراني،
هي نشان حقاني، رب جي نشاني.

❊

"پريم" سين جو، پنهنجو آ،
سڪ جي بدلي، سنهنجو آ.

❊

پريم بدل، مک ماه ٿو گهرجي،
چاهت بدلي، چاه ٿو گهرجي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ساري دنيا کي ڪپي ٿو، "پريم" سهارو،
جيئن ساگر جي سفر ۾، طلب ڪنارو.

❊

هڪ سڪ گهر جي، ٻيو ساءِ ڪپي،
ساري دنيا ۾ امن، چاهه نياءِ ڪپي.

❊

طلب ڪجي ۽ خواب ڏسجن،
ائين منزل تي، پانڌي ٿا رسن.

❊

سو ڪيئن نه سفينو، پار پڄي،
جنهنجو مالڪ، مالڪ پاڻ هجي.

❊

گڏ ٿيندي ٿيندي، چار ٿين،
ٿا همت سان، ٻيڙا پار ٿين.

❊

جيڪو ڪم، خدا تي آ ڇڏبو،
سو ڪم ضرور، بهتر ٿيندو.

❊

جاهل ڇا ڄاڻي، علم جو فائدو،
جانورن لئي، ڪهڙو قانون قائدو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

مولا! طاقتور، گهڻا ظالم ٿئي،
حق خور ظالم، سڀ آدم ٿئي.

❋

جيڪو ٻڪ مرندو، سو آزار ڪندو،
ساري لوڪ کان، ٻڪيو ڦري ڪائيندو.

❋

ڪيمو هو پڳل، واڱڻ وچ ۾ پيل،
ويشنوءَ مزي سان ڪاڏو، واڱڻ سمجهي رڌل.

❋

ديارِ غير مين، ڍونڍها تها سهارا،
منه ٻل ڳري، اس ني دهڪا جو مارا.

❋

قسمت جا ماريل، ڪاڏي وڃن،
هو روئي مالڪ کان ٿا، پڇن.

❋

ٽڪر جن جي پيٽ ۾، سي ئي ٿا وڙهن،
مهڻي هاب گهڻا، ڪنهنکي ڏوراپا ڏجن.

❋

نه دليون ڏکايون، نه ڪنهنکي ستايون،
پوءِ ڇو ظالم جي، نظرن ۾ آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيو سسٽم سارو، ڊانوا ڊول،
رشوت جو، هر جاءِ چوٻول.

❊

ٺيڪيدار ٿا، ديس کي پيلن،
وس وارا، نٿا روڪن ٽوڪن.

❊

سڀ راشي ماڻهو، اکين پوٽ،
ڪونه ڪرن ٿا، چِڏ چوٽ.

❊

هر ڪم جو آ، ريٽ مقرر،
راشيءَ جي دل ٿي وئي پٿر.

❊

هر جاءِ هلي ٿو، ڪوڙ جو هوڪو،
دنيا دورنگي، نيڪي نفرت ۽ دوکو.

❊

نيڪي ڪرڻ، چڻ ڏوهه نه آ،
دوکو ڪرڻ چڻ، ڏوهه نه آ.

❊

محبت وارو مامرو، ڪو ڪو ٿو سمجهي،
ورنه اڪثر لوڪ کي، رونشو ٿو لڳي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

بک بيماري بد حالي، تنهي لاتو زور،
وقت ظالم کي ڪرڻو آ ڪمزور ويتر ڪمزور.

محبت جي آ، لوڙ سڀن کي،
منهن تي مگر، ڪوڙ سڀن کي.

غرور تڪبر، ڪنڌ پر ڪرندو،
هر ڪرم عمل آ، آڏو ايندو.

ڪوئي ناهي دنيا ۾، ڪردماغن جي،
ابتي چال چلن ويٺا، چلت مامن جي.

غصو ۽ غرور، وڏي ويو ايترو،
سچ جو تاء، روز وڏي ٿو جيترو.

هڪڙو ڏوهي، مٿان وري ڏاڍ ٿو ڪرين،
اهڙي جيئڻ کان، ٻڏي چونه ٿو مرين.

بس ڏاهڻو ئي آ، ٿاهڻو صفا ناهي،
اهڙي دماغ ۾، غصو پريل آهي.

غلطي اگر نه ڪبي، ته صحيح جي پرک ڪيئن ٿيندي،
گهر ڪان پري نه رهبو، اهميت جي خبر ڪيئن پوندي.

❊

گهڻين جو جيڪو دادا ٿيندو،
ڪم ٻيي اوڏا، برا ابتا ڪندو.

❊

رلڻ سان ، ڪونه ڪلندو،
گهڻين جو، راجا ٿيندو.

❊

وقت وڏو آ، قيمتي،
وقت وڃائڻ، احمقي.

❊

صرف نه ٻار چڱا ناهن،
ٻار به تن جا، ڪٽا آهن.

❊

جيڪو ڪري قڏو مرد،
اهو ئي آهي ،جڏو مرد.

❊

حق وارو اهو، جيڪو حق رکي،
پرائو مال، نه تکي نه ئي چکي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ماڻهو شخصيت نه، حيثيت جو ٿا پڇن،
اصل نقل ڪي ڇڏي، رنگ گورو ٿا ڏسن.

تڪڙ جا تيرنهن، صبر جا سورنهن،
تڪڙوارن جي ديري تان اڏامن دونهان.

اڏار ڪي پوي، شل مار،
جنهن ڦٿايا، چار يار.

گل ته آهن نازڪ، خار نه ڪنهن جا يار،
بدنام نه ٿئي عاشق، ظالم سدا هجي خوار.

اجايون تهمتون آهن، الزام اجايا آهن،
بدنام زمانا ماڻهو، ٿاهه نڳيءِ جا ٿاهن.

ٻلي ڪيا جاڻي، نمڪ ڪا سواد،
پريمي ڪيا جاڻي، دنگا فساد.

اڪ گل ٿي سڻ !، او بيقدرا،
ڪيا نهين سکهيا، رحم ٿي حيا.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاندان اوچا، دليون سڃيون،
ڪاٿن سدائين، ٽڪاٽا پنيون.

❋

دهشت وحشت، خون سڪايو،
بيدردن کي، ڪو رحم نه آيو.

❋

ها! رساما رت سڪائن ٿا،
سڪون ۽ چين ڦٽائن ٿا.

❋

مولا تنهنجي مدد درڪار،
ڏادي ڏکي آهي، هرڪار.

❋

معصوم دل جو، ماڻهو جيڪو،
انکي ڏئي ٿو، دوکو هرڪو.

❋

سڀ چئن ڏينهن جو، چٽڪو يار،
سوچين صدين جا ٿو، سورويچار.

❋

آس اميد، چڱائيءَ جي؟،
ملندي موٽ، برائيءَ جي.

جوانن جو زور، فقط آهي ڏاڙهي،
کهڙو چئبو گهر، جيڪو آ مسواڙتي.

❊

اٿو اڃو لٿو ۽ رسمون ضروري،
ٿوري پگهار مان، ڪيئن پوي پوري.

❊

ڪاسائيءَ واري، ڪار هلي ٿي،
ها ! مهنگائيءَ جي مار هلي ٿي.

❊

جڙي نه سگهي، ڪا پريم ڪهاڻي،
سدا اڌوري رهي، پنهن جي آکاڻي.

❊

هر دل ۾، خوف خدا جو هجي،
ايڏو ظلم ستم، ڇا لاءِ ٿئي.

❊

او زندگيءَ زندگيءَ جا مالڪ، دنيا ڏاڍو ستايو،
گردش دنيا اڙانگي، دل جان کي جلايو.

❊

هر حال ۾ هر موڙتي، ساٿ نڀاهبو،
پريشان حال ٿي، نه پٺتي نهاربو.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ارادو اٽل هجي ته، جبل زير ٿي پوي،
انسان چنڊ تي وڃي، قدم ٿو رکي.

❊

نڪو مستقبل، نه ئي ماضي آهيان،
مان هر دؤر ۾ ، حال حياتي آهيان.

❊

امر ٿيڻ، آسان ته ناهي،
بهتر هر انسان ته ناهي.

❊

لاحاصل جي، پويان لڳي،
عمر اجائي، گذري وئي.

❊

عشق ايمان جو، پهريون درجو،
هندو مسلم، سڀ پويون درجو.

❊

ايمان وارا، سڀ اڳتي اڳتي،
وڃهي سيئي، پٺتي پٺتي.

❊

الله سوا، ٻيو چارو ناهي،
اهڙو ٻيو ڪو، سهارو ناهي.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ساري دنيا جو سير ڪيون ٿا،
هوائن سان گڏ، اڏندا رهون ٿا.

❊

پيار جي چڪرم ، اچڻ نه گهرجي،
محبوب جي درتي، ويهڻ نه گهرجي.

❊

دوائن جا اگهه، ٽيڻا ٿي ويا،
مريض وڏي هاڃي، ٻيڻا ٿي ويا.

❊

ڪونه رهندو، درد تنهنجي درشن ڪان پو،
ڪهڙو فائدو، سارڻ جو جيون ڪان پو.

❊

ڪهڙو مزو آ، جيون جو جوڀن ڪان پو،

لوڻ آ ٻرڪڻ آيو، گهرن ڇهڪن ڪان پو.

❊

ها! ويران سرته ٿيندو، پرديسي پڪين ڪان پو،
چاوري ڪو ماتم ٿيندو، عيدن خوشين ڪان پو.

❊

اهي محبتون ۽ قربتون قائم رهن،
هن ديس ۾، سک خوشيون دائم رهن.

Navil Sunder Publication Mithi
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوبه ملاوت، ڪونه ڪري،
لالچ لوڀ غرض، عنقا هجي.

❊

پڪين وانگي پيار هجي، دلين ۾ قرار هجي،
ارزان هجي اناج پاڻي، هر جاءِ روزگار هجي.

❊

ڪنهنجي نه ڪنهن ۾ غرض پوي،
خودمختيار، هرڪو فرد هجي.

❊

جي ساري مثالي، دنيا هوندي،
عمر خوشيءَ سان گذري ويندي.

❊

هر دل هجي، هيرن جي کاڻ،
هرڪو پاڻ، حاڪم ۽ سرواڻ.

❊

جنسي جنونيت، وڌندي وڃي ٿي،
تهذيب تمدن، گهٽبي وڃي ٿي.

❊

جي پنهنجو ٿئي ٿو دشمن،
سارو زهر، ٿئي ٿو جيون.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

ناهي اڳتي، وڌڻ جي ڪوشش،
آهي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش.

❊

جو خود ڪا، خيال، نه رکھتا هئي،
وه ڪيا اورون ڪو، سهارا ديتا هئي.

❊

ڪتاب جهڙو دوست، رهبر ناهي،
جو عقل علم سيکاري ساٿ نڀائي.

❊

واندن ڪان جيڪو واندو هوندو،
اهو وينو لوڙو ۽ نوٽڻ ڪيڏندو.

❊

ڪوڙ ۽ غصو، ٻئي خطرناڪ،
سچ وڏو دلير، اصيل بيباڪ.

علم ڪان آهي، عقل وڏو،
عقل ڪان آهي، عمل ڀلو.

❊

صبر شڪر جا فائدا انيڪ،
صبر شڪر، واروئي نيڪ.

www.sindhsalamat.com Navil Sunder Publication Mithi books.sindhsalamat.com

سچ وڏو آ، طاقتور،
ڪوڙ مثل، ڪچو پتر.

❊

ڪوڙ جو قلعو، ڍهندو آ،
سچ جو شان، وڌندو آ.

❊

سچ لکو ۽ سچ پڙهو،
ڪوڙن کان، ڪنارو ڪيو.

❊

سچ جي آهي، عمر گهڻي،
ڪوڙ ٻيهي ٿو، ٽنگ ڪٽي.

❊

بري صحبت، برو اثر،
نظرن ۾ رهندو ڪمتر.

منهنجو قلم، ڪٽاري آ،
هر دشمن تي، ڀاري آ.

❊

ڀائو! قلم ڪڻ ۽ ڇڏ هٿيار،
جيئڻ جو مقصد، پيارئي پيار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورا مَ ٿورا مُنهنجي مارُوئڙنِ جا،
ٿَرِ مِ واري ٿورڙي تِيهان گهڻيرا،
ٻَلائُون ۽ ٻيرا ڳَٽي ڳَٽيندَس ڪيترا.

ٿورائتو آهيان شاعر محب سولنگيءَ
جو جنهن منهنجي شاعري تي پنهنجا خوبصورت تاثرات لکي،
منهنجي شاعريءَ جو مختصر جائزو پيش ڪيو.
مان ٿورائتو آهيان ڀاءُ وسند چوهاڻ جو جنهن پنهنجو قيمتي
وقت ڪڍي منهنجي شاعريءَ کي سهيڙڻ ۽ ڪتاب کي زيبائتي
بنائڻ ۾ ڀرپور مدد ڪئي ۽ منهنجي
خوابن کي ساڀيا جو روپ ڏنو.
مان ٻنهي ڀائرن لاءِ دعاگو آهيان،ته مالڪ سائين کين لمبي
ڄمارسان گڏوگڏ سٺي صحت عطا ڪرڻ فرمائي
۽ کين وِک وِک تي
ڪامِيابيون ۽ ڪامَرانيون نصيب ڪرڻ فرمائي،
آمين.

شاعري

هڪ احساسن تي مشتمل هوندي آهي، جيڪا
شاعر پنهنجي تخيل ۾ سهيڙي ٿو شاعري هڪ
اهڙي ذات آ جيڪا تاقيامت تائين شاعر کي زنده
رکي ٿي.
۽ دوست پريم چانڊواني جي شاعري هڪ بهترين
۽ سچ کي مبني سٽاء ڪري ٿي پريم چانڊواني جي
شاعري ۾ مونکي نواڻ محسوس ٿئي ٿي ۽ خيالن ۾
تمام بهترين احساس پريل آهن .
پريم چانڊواني جي شاعري اڄ جي ماحول جي سهي
۽ سچي عڪاسي ڪري ٿي.

وَفائي مُحب سولنگي

16 نومبر 2022

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book